زندگي هڪ افسانو



- ايم. رفيق

زندگي
هڪ
افسانو

زندگي انسان کي انمول نذرانو مليو
زندگي جو هر باب رفيق افسانو لکيو

ايم رفيق

[illegible]INE? If you believe the Certificate of Authenticity label or the Microsoft software you obtained w[illegible]
[illegible]m is not legally licensed and/or may be counterfeit, please e-mail Microsoft at
[illegible]

The PC manufacturer is required to attach the Certificate of Authenticity label to the
[illegible] system prior to delivery.

[illegible] of the certificate can be verified by the holographic security thread interwoven into the [illegible]
[illegible] the words "Microsoft" and "Genuine" interchangeably.

The Certificate of Authenticity label has been removed by your PC manufacturer and should be attached to your PC.

This software is subject to the terms and conditions [illegible]
[illegible] End-User License Agreement [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible]

Microso[illegible]

-: فهرست :-

ZINDAGI HIKUE AFISANO

Poet	:	**M. Rafiq (M.J. Ramchandani)** Alakh Apartment, Flat No. 304, 3rd Floor, Opp. New Telephone Exchange, SINDHUNAGAR - 421001. ☎ 54 84 74
Published By	:	**Kiran Ramchandani Publishing House** C-8, Gurudev Co-op Hsg. Soc. SINDHUNAGAR - 421 003. ☎ 55 31 22
Printed By	:	**Zia Printers** 1085/5 O.T. Section, SINDHUNAGAR - 421 003. ☎ 54 90 27
Year	:	June, 2000
Price	:	Rs. 60/-

(With Partial Financial Help from Indusind Foundation Delhi)

زندگي هڪ افسانو

شاعر	:	ايم. رفيق (ايم جي رامچنداڻي) الک اپارٽمينٽ، فليٽ نمبر ٣٠٤، ٽيون ماڙ، نئين ٽيليفون ايڪسچينج جي سامهون، سنڌونگر - ٤٢١٠٠١. فون : ٥٤٨٤٧٤
پبلشر	:	ڪِرن رامچنداڻي پبلشنگ هائوس ٨ -، گرديو ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٣. فون نمبر : ٥٥٣١٢٢
ڇپيندڙ	:	ضيا پرنٽرس بئرڪ نمبر ١٠٨٥، او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر - ٣ فون نمبر : ٥٤٩٠٢٧
سال	:	جون ٢٠٠٠
قيمت	:	-/٦٠ روپيه



شاعر جي قلم سان

(١) آھ زندگي ھڪ افسانو،
آھ زندگي ھڪ افسانو.

(٢) ڪير نہ ڄاڻي ھرڪو ڄاڻي،
آھ زندگي ھڪ نذرانو.

(٣) ڪي پيئن ٿا، پي جيئن ٿا،
آھ زندگي ھڪ مئخانو.

(٤) بند ڪوٺيءَ ۾ بند گذارِي،
آھ زندگي ھڪ تھخانو.

(٥) ”رفيق“ وينو ھوش وڃائي،
آھ زندگي ھڪ پئمانو.

٥ ..... ٥ ..... ٥

رفيق جڏهن جوان هو

رفيق جڏهن جوان هو
رفيق جڏهن جوان هو

(۱)

جنم ڀومي سنڌي هئي،
ديش هندستان هو.
حسين سر زمين هئي،
حسين آسمان هو.
حسين هر جوانڙي،
حسين هر جوان هو.
هر چهرو گل گلاب هو،
لاجواب گلستان هو.
رنگين هر گلي گلي،
رنگين هر مڪان هو.
رفيق جڏهن جوان هو،
رفيق جڏهن جوان هو.

(۲)

ڪير نہ ڄاڻي ڪير هندو،
ڪير مسلمان هو.
ڪنهن جو مذهب-دين،
جنهن جو ڌرم ايمان هو.
هر دل اندر ايمان هنم،
ڪوئي نہ بي ايمان هو.
دين، ڌرم، پائيپي،
ڪنهن کي نہ شڪ گمان هو.

ايم -رفيق جي زندگي

(۱)

سنڌ جو ضلعو، سکر ڳڙهياسين جو شهر،
هر ڏينهن هر رات، ڌڌي هير جو سحر،
تاريخ ۲ ڊسمبر، اُڻويهه سو ٽيهه،
منهنجي حياتيءَ جو، شروع ٿيو سفر.

(۲)

سنڌ ۾ هئس مان ''مستان'' هاڻي رفيق آهيان،
ٻڻي گل گلستان سڀ جي قريب آهيان،
ڪوئي چمي ٿو چاهه مان، زُلفن ۾ سجائي ڪوئي،
رفيق آءُ انجان، شاعر عجيب آهيان.

(۳)

ڪڙڪي بند نہ ڪريو، هوا ايندي رهي،
محبت ۾ ڪنهن کان خطا ٿيندي رهي،
آبشار پهاڙن تان هيٺ آيو لهي،
رفيق کي شاعري عطا ٿيندي رهي.

(۴)

جيڪي بہ چوان ٿو تڪبر نہ چئو،
جيڪي بہ چوان ٿو تصور نہ چئو
عشق جي آڳ لڪي، رفيق پيتي ذري،
مستيءَ ۾ رهان ٿو، بيخبر نہ رهو.

(۵)

هر شعر منهنجو آهي، تنقيد کان مٿي،
هر شعر خوبصورت، اُميد کان مٿي،
هر شعر ۾ پريل آ جذبات جي رواني،
رفيق شعر منهنجو حريد کان مٿي.

ہ ..... ہ ..... ہ

رات ڪاري قهر جي،
شور ۽ گهمسان هو.
اوچتو ٿيو زلزلو،
سامهون ڪڙو شيطان هو.
گلشن جلي خاڪ ٿيو،
چوطرف شمشان هو.
روح نڪتو جان مان،
هرڪو بڻيو بيجان هو.
ڪافلا ڪاهي هليا،
روئي رهيو مستان هو.
رفيق جڏهن جوان هو
رفيق جڏهن جوان هو

ھ ..... ھ ..... ھ

غزل

(۱) ڏائنا ويئي تربت ۾،
هاءِ اڪيلي حسرت ۾.
(۲) ياڻُ نہ ڪوئي پنهنجو جاٽي،
ياڻُ خدا جي درخت ۾.
(۳) تڙڦي ڦتڪي محبت خاطر،
مُئي مستاني محبت ۾.
(۴) شانُ شهاڻو مانُ شهاڻو،
طومان هليو ويو حرڪت ۾.
(۵) رفيق اڪين مان اَشڪَ وهايا،
ملي الوداع عضمت ۾.

ھ ..... ھ ..... ھ

پيار ۾ پلجي رهيا،
هر آدمي انسان هو.
رفيق جڏهن جوان هو
رفيق جڏهن جوان هو

(٣)

مسجد هئي مندر هئو،
پوڄا سندو استان هو.
ڪنهن پڪاريو ٿي خدا،
سوئي مگر ڀڳوان هو.
بندگي ڪٿ ۽ ڪٿ،
پوڄا سندو سامان هو.
ڪنهن گهري ٿي دُعا،
ڪنهن گهريو وردان هو.
زندگي گلشن هئي،
بهار نگهبان هو.
رفيق جڏهن جوان هو
رفيق جڏهن جوان هو

(٤)

سنڌ جي ڌرتي سڄوڙي،
سرڳ جو آشيان هو.
سنڌ جو جل آب-حيات،
هر جيوَ لئه جيئدان هو.
سنڌ جي ٻولي شهاڻي،
شان عاليشان هو.
حسن ٿي حيران ٿي،
شاعر بڻيو مستان هو.
هر طرف شانتي آمن،
وقت مهربان هو.
رفيق جڏهن جوان هو
رفيق جڏهن جوان هو

رباعيون

کس ڀول سي خدا ني شائر بنا ديا،
کس ڦول سي خدا ني شائر بنا ديا،
شاعر بنونگا، ميري قسمت نہ ٿي رفيق،
کس ڏور سي خدا ني شاعر بنا ديا.

ه ..... ه ..... ه

مئن وطن پرست هون، مجهي اور کوئي نام نہ دو،
ميري چاهت هئہ وطن، مجهي اور کوئي پيام نہ دو،
مئن اپني طبعيت سي هئہ نوش رهتا هون رفيق،
ميري هاٿون ۾ کيي اور کوئي جام نہ دو.

ه ..... ه ..... ه

شمع جلتي هئہ، جلني جلاني کي ليئي،
آرزو رکتي هئہ، کسي ديواني کي ليئي،
جلتي جلتي، اگر بجهہ جاتي هئہ شمع رفيق،
مشکل بنا ديتي هئہ، پرواني کي ليئي.

ايم -رفيق

شڪرگذاري

هي گُلُ گُلاب ڪتاب ”زندگي هڪ افسانو“ انڊس انڊ فائونڊيشن دهلي وارن، شري ٺاڪر چاولا جي معرفت مالي سهڪار سان شايع ڪيو ويو آهي. تنهن لاءِ هن سنستا جي بانيڪارن جو تهدل شڪرگذار آهيان.

(١)

سنڌي سنڌ جي ٻولي آهي شهاڻي،
زماني ۾ رهندي سدا ٻڻجي راڻي.

(٢)

امرلال اُڏيرو، زنده پير سائين،
جلي جوت جن جي، ٿي جڳ ۾ سدائين.

(٣)

سنڌي ٻولي سنڌ جي، مٺي آهه ٻولي،
مائر ڏين ٿيون سدا جنهن ۾ لولي.

(٤)

گهڻوان آهن ودوان آهن،
رهي زنده ٻولي نگهبان آهن.

(٥)

مالي مدد ڪن ٿا قدردان ڪيئي،
مرحبا، ”رفيق“ ڪن ٿا سنمان ڪيئي.

ايم - رفيق

ايم -رفيق جو ڪلام

فرشتن جي زباني

(۱)

هر خط ڪٽي اچي ٿو سرهاڻ پيار جي،
هر لفظ ۾ رهي ٿي مهراڻ پيار جي،
سد پاونا رهي سمايل ”رفيق“ خطن ۾،
چمڪي اُٿي اکين ۾ لالڻ پيار جي.

(۲)

هي پيار جا سپيئي رشتا عجيب آهن،
هي پيار جا سپيئي ناتا عجيب آهن،
ڪا آهه ڪشش ”رفيق“ جا ڪري ٿي ڪرشمو،
هي پيار جا سپيئي رستا عجيب آهن.

(۳)

آهي تمنا يارو محبت بٽي رهي،
شاعر اديب جي شل صحبت بٽي رهي،
آهيان دعاگو دائم، مالڪ جي مهر لاءِ،
”رفيق“ شل خدا جي رحمت بٽي رهي.

٥ ..... ٥ ..... ٥

مُسافر

(۱) زندگي آھ شھر،
ھر زندگي آھ نگر.

(۲) ھلي ھرڪو پنڌ ڪري،
ھر زندگي آھ سفر

(۳) ڪو ڏُڪي ۽ ڪو سڪي.
ھر زندگي آھ گذر.

(۴) ھرڪو تہ مسافر آ،
رات ڪٿ ۽ ڪٿ سحر.

(۵) ڪوئي سمجهي نہ سگهي،
ڇا سمر ۽ ڇا وڪر.

(٦) رستو اُلجهي نہ پوان،
منزل پلجي نہ وڃان.

(۷) ھل سنڀالي پل اچي،
بي رحم ڪارو ڪڪر.

(۸) آھي تمنا رفيق،
ھڪڙي تمنا رفيق.

(۹) فانوس جلندو رھي،
مسافر ھلندو رھي.

ة ..... ة ..... ة

□

رفيق دوست،

تنهنجو تازو ڪويتا سنگرهه ''صدائي انقلاب'' مليو. اهڙو تنهنجو ڪوبه ڪتاب هٿ ۾ اچڻ سان ئي يڪدم پڙهندو آهيان ۽ آنند ماڻيندو آهيان. واقع ائين لڳندو اٿم.

عرش مان تارا لاهي ڏا سگهو،
ڌوم دنيا ۾ مچائي ڏا سگهو.

هاري، پورهيت ۽ وئشيا وارا نظم جهٽڪ دل ۾ گهاو ڪندڙ آهن. ته به اهڙو سنديش پيا آلاپن.

اُٿ اُٿي اڄ گيت ڳائيندا هلون،
راهه پنهنجي پاڻ ٺاهيندا هلون.
مشڪندا ۽ مرڪندا، ڪٽندا قدم،
پاڻ کلندا ۽ کلائيندا هلون.

تنهنجي گيتن، غزلن ۽ نظمن ۾ واقعي اُڏام آهي. تنهنجي خيالن جي نفيس اُڏام دل ۾ گهاءُ ته ڪري ٿي، پر ساڳئي وقت اُمنگ ۽ ارمان اُٿلائي ٿي. شاعريءَ دواران تون سنڌي ٻولي ساهت ۽ سنڌيت جا گهڙا ڀريندو رهين ٿو.

تنهنجو پنهنجو
شري ڪمل پياسي

□

پيارا دوست،

قلم جي قوت ۽ قابليت کي منهنجو سلام آهي. اهڙي ڪا ذات مليل اٿو. جو سرسوتي ديوي توهانجي دل ۽ دماغ جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ جهلي بيٺي آهي ۽ توهان جون رچنائون جيٽ جي رفتار سان ادبي چمن ۾ گلن جهڙي خوشبو ڦهلائي رهيون آهن.

ڊاڪٽر اَرجن سڪايل
انڌيري، ممبئي

□

سنڌي ساهتيه ۾ گذريل ٻن ٽن سالن ۾ توهان جيڪا شاعري جي ڏيکاري

قربدارن جا قرب

□

شري **ايم-رفيق** نهايت ئي تيزيءَ سان پنهنجا مجموعا هڪ ٻئي پٺيان ڇپائيندو رهي ٿو.

رفيق کي پهرئين ڪتاب ”دل-و-دنيا“ تي ”جيئي سنڌي سڀا“ سنڌونگر طرفان انعام سان گڏ ”يادگار پتر“ پڻ مليو آهي. ائين شاعر جي قدر شناسي ٿيندي رهندي ته وڌيڪ ۽ وڌيڪ مجموعا شايع ٿيندا رهندا.

نگر نيوز، سنڌونگر

□

شري **ايم-رفيق** جو ”صدائي انقلاب“ تمام سُٺو ۽ دل کي وڻندڙ شاهڪار آهي. هيءُ ڪتاب هڪ هڪ شعر رچنا شاعريءَ سان بلند معنيٰ سان ڀريل سنڌي سولي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. روح کي راحت ۽ تن کي تراوت ڏيندڙ آهي.

هندو روزاني، احمداباد

□

توهان جا شعرن جا ڪتاب پڙهي مٺو ٿيو ته توهانجي شاعريءَ ۾ خوب رواني آهي. سليس-سپڪ، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل توهانجي شاعري اڳيان شرڌا ۽ ادب سان سر جهڪايان ٿو.

شري رتن ايسراڻي
ميمبر سنڌي اڪاديمي، دهلي

□

پيارا شاعر دوست رفيق،

”وير درشن“ پڙهي مون محسوس ڪيو ته توهان جي اُڌام جئن جو تئن قائم آهي ۽ مستيءَ جو مزو وڌندڙ آهي. منهنجون مبارڪون.

سدائين گڏ
شري هري دلگير، آديپور

پيارا دوست ايم-رفيق،

توهانجو نئون ڪتاب ''وير درشن'' منڍ کان آخر تائين شوق سان پڙهي پورو ڪيم. توهانجو هرهڪ شعر دل کي راحت بخشي ٿو. مگر مونکي اُنهن مان وري پارٿنا، پرارٿنا، ڏکي دل جي دانهن، گرو نانڪ ديو ۽ ويرتا جي آکاڻي وڌيڪ وڻيا.

ڪي لکن ٿا ته توهان جي شعر ۾ عربي ۽ فارسي اکرن جي ڀرمار آهي. پر مونکي ڏسڻ ۾ نه ڀرمار ڪونه ٿي اچي. ڪي ٿورا فارسي لفظ ڪتب آيل آهن. جي عام سنڌي ٻوليءَ ۾ مُروج آهن ۽ اُن ۾ جذب ٿيل آهن. هنن کي اهو سوچڻ گهرجي ته هت گهڻائي سنڌي پنهنجي ٻارن سان سنڌي ٻولي ڳالهائين ئي ڪونه ٿا. راجستان ۽ .U.P ۾ هندي-پنجاب ۾ پنجابي-گجرات ۾ گجراتي ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڳالهائن ٿا. تن کي پوري سنڌي به اچي ڪانه ٿي. سي ڪيئن سمجهي سگهندا. شل ايشور توهان کي وڏي حياتي بخشي جو پنهنجو قلم هلائي سنڌي اتهاس ۽ ادب ۾ اضافو ڪندا رهو.

شري مورومل ڏانڌا

''بي وطن''، جئپور

مانيور ڀاءُ،

توهانجو ''صدائي انقلاب'' ڪتاب پڙهيو ۽ خوب وڻيو. هن ۾ مهان شاعر صاحب جي لکڻي وڻندڙ آهي. پر پيش ڪشي به تمام سُهڻي نموني ڪيل آهي. جئن هر سنگيتڪار پنهنجي گيت جي شروعات پرارٿنا گيت سان ڪندو آهي. تيئن رفيق صاحب پڻ ستگر جي مهما سان شروعات ڪئي آهي. شاعر جو قلم به سدائين آشاوادي رهيو آهي.

آخر ۾ صرف ايترو چوندس ته اهڙيون ناياب چيزون هميشه ڏيندا رهندا.

شيوا ۾

شريمتي پريم لتا ايدناڻي، بڙودا

جناب ايم-رفيق سلام،

توهانجو ''صدائي انقلاب'' پهتو. توهانجا انقلابي نغما نادر آهن.

آهي تنهن ۾ دل بہ آ هلو تہ دنيا بہ آ هلو. شمع آهيو تہ پروانا بہ آهن. ساگر جي گهرائي بہ آهيو تہ وير رس سان ڀريل شعر-و-شاعري بہ آهيو. هاڻي دل چوي ٿي تہ قلم جي نوڪ تي، توهان جي فن ۽ شخصيت تي ڪجهہ لکان. جلد ئي اهو سپنو بہ ساڪار ٿيندو.

شري جهمون ڇڳاڻي، ڀوپال

□

پيارا متر،

وير درشن ڪويتا سنگرهہ مليو اٿم. يادگريءَ لاءِ مهرباني. اوهانجي شاعريءَ ۾ سنڌو نديءَ جي رواني آهي. ست پنيان ست ائين اچي ٿي. ڄڻ ويا سنڌوءَ جي هڪ لهر ٻيءَ لهر پٺيان ڊوڙندي اچي ٿي.

شري موتيلال موٽواڻي، نيو دهلي

□

پريہ شاعر دوست رفيق،

تنهنجا مجموئا پهچندا رهندا آهن ۽ مان دل ئي دل ۾ توکي داد ڏيندو آهيان. وير درشن ۽ گلستان وغيره سڀئي شاعري جا مجموئا آهن. ٻين کي پاڙيهندو آهيان. شاباس اٿيئي جو ادب جي خدمت وڏي ڪرين. شل تنهنجي قلم ۾ اڃان بہ توفيق اچي.

شري ڀڳوانداس ڪلناڻي، پونا

□

برادرم ايم-رفيق،

اوهانجي انقلابي شاعريءَ جو مجموئو "صدائي انقلاب" پهتو. اُن ڪتاب مان اوهانجي انقلابي فطرت جي ڄاڻ پيئي. اڳتي بہ توهانجي ڪوشش جاري رهندي.

شري واشديو سنڌو ڀارتي، جئپور

□

شريمان ايم-رفيق،

اوهان جي "صدائي انقلاب" جا شعر بيحد وڻيا. جذبات جي نواڻ، ڪلپنا جي اُڏام، نازڪ خيالي، زور ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف آواز، هاري، مزدور جي درد جي ٻي جوڙ رهنمائيءَ، اوهان جي شعرن کي انقلابي جامو پهرايو آهي. ٻي خاص ڳالهہ جا دل سان لڳي، سا آهي ڇند ۽ وزن جو پورو ميزان.

شري پدم راڄ شرما، بمبئي

ديش ڀڳتيءَ جي گيتن سان سجايل مجموئو ”وير درشن“ شايع ڪرڻ لاءِ اوهان کيرون لهڻيون.

شري ارجن چاولا، اليگڙهہ

□

آدرڻيہ وڏي مانوارا شاعر ايم-رفيق صاحب،

توهانجي لکڻي ۾ اهوئي نوجوانن وارو جوش آهي. جيئن توهان وير درشن ۾ ديش جي نوجوانن کي ڏڍ پوميءَ لاءِ للڪاريو.

اُٿو نوجوان شهادت ٿي گهرجي،
ملڪ جي بچاءَ لاءِ دفانت ٿي گهرجي.

توهانجي گيتن ۾ ديش ڀڳتي بہ گونا گون پريل آهي. ”صدائي انقلاب“ ۾ پرتگيا، ناد وڄاءِ، ساٿي، انقلاب ڳاءِ پڙهڻ سان خون ۾ جنون پئدا ٿئي ٿو.

لوهي شيخون پنهنجي هٿن سان موڙيندا سين،
هوُ ديوارون سڀ پٿرن جون ٽوڙيندا سين.

”شيخ اياز کي خطن“ پڙهڻ سان سنڌ جو اعظيم شاعر اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. ڪهڙي نہ سندر نموني توهان سنڌ جي اعظيم شاعر کي شرڌانجلي ڏني آهي ۽ سهڻي نموني شيخ اياز جي بهادري جو ورنن ڪيو آهي.

توهان تي ايشور جي ڪرپا آهي جو شعر ۾ سهڻي نموني چٽ ٿا چٽيو. توهانجي اُڏام ڏاڍي اوچي آهي. ايشور در پرارٿنا آهي تہ توهانکي سالم ڄمڻي ۽ سٺي صحت ڏئي.

شري رام هيلاڻي، رائپور

□

ڪوي **ايم-رفيق** جون ڪجهہ ڪويتائون ڪتاب ”صدائي انقلاب“ مان اسان پاٺڪن لاءِ ڏيون ٿا. ايم-رفيق هڪ بزرگ شاعر آهي. شاعر جون رچنائون پڙهي پاٺڪ آنند ماڻيندا آهن.

”زندگي“ سنڌي هفتيوار اخبار
احمداباد

توهانجو باغي جوش اڃان قائم آهي ڇاهي عمر جا ڪيترا ڏاڪا چڙهي آيا آهيو.

نيازن مان
هري لڪاڻي شوقَ، ٿاڻا

□

پيارا متر،

توهانجو ڪتاب ''صدائي انقلاب'' مليو. دلبر پڙهي مزو اچي ويو. اُميد تہ قلم اڃان اور بہ زيادا هلندو رهندو.

هوتو سنڌو پياسي

□

پريہ ايم-رفيق،

ننڍپڻ جي دوستي ڀليو ناهيان،
ننڍپڻ جي مستي ڀليو ناهيان.
تنهنجو گلاب اُسريو سنڌ جي گلشن ۾،
ننڍپڻ جي بستي ڀليو ناهيان.

تنهنجي ياري، تنهنجي شاعري بلڪل ئي الڳ قلم جي آهي. سنڌ ۾ جڏهن تو لکڻ چالو ڪيو هو. تڏهن مون محسوس ڪيو تہ تون هڪ ڏينهن ضرور ڪنهن وڏيءَ اوچ تي رسندي. آخر اهو ڏينهن بہ اچي ويو آهي. تنهنجي شاعريءَ جا ست مجموئا اُن ڳالهہ جي تصديڪ ڏين ٿا. تو جهڙي شاعر يار تي مونکي فخر آهي. تنهنجي شاعري سنگيت جي لهرن وانگر فضا ۾ هلچل پئدا ڪندي آهي ۽ روح کي راحت ٿي بخشي. مون دوست جي تنهنجي لاءِ اهائي دُعا آهي تہ اڃان بہ اڳتي اڳتي تنهنجو قدم وڌندو رهي.


پرماتما جي توتي اڳيئي مهر آهي ۽ توتي انعام اقرارن جي نوازش ٿيندي رهي. اهائي منهنجي تو لئہ دُعا آهي.

شري ڪنعيالال نوتاڻي، سنڌونگر

□

پريہ رفيق،

اوهان جو ڪويتا سنگره ''وير درشن'' پهتل آهي. اوهان جي رچنائن مان اوهانجو ڪاويہ-پريم ۽ اوهانجي ڪاويہ-ساڌنا خوب جهلڪن ٿا.



پريه مترجي رامچنداڻي رفيق،

بابل سائينءَ جي ياد سان اسين خوش آهيون. ايڏانهن پڻ سک آنند هوندو.

تنهنجي چند الفاظن، آندي ياد تازي
ڪالهه جا ٽوٽڪا آيا اکين آڏو، آئي ماضي
ياد اچن ٿا ڳڙهيءَ جا هنداڻا
تو جهڙي قائل جي قربت ۽ اباڻا
ڪراچيءَ جي علمن ۽ گهر پراڻا
اُستاد جا سبق سيکارڻ، يادين جا آشيانا
آئي پارٽيشن ۽ ڪشمڪش جي مستي
ٿيو لڏڻ، بابي ڪرائي بمبئيءَ سان دوستي
دادا جي محنت ۽ جفاڪشي
اُن جو ڏنل حوصلو، وڌي منهنجي خوشي
پتا جي پُشتيءَ سان آيو وديش جو وارو
اُن جي آسيس سان ٿيو دور ديش ۾ آرو
سک ۽ پيار سان، ورٺو جدائي جو سهارو
ڪڏهن ملڻ، ڪڏهن وڇڙڻ، پر اُن جي
مظبوطيءَ سان ٿيو واڌارو
وڇوڙو هيو پر هئي هميشه جي نذاقت
ڏيندو ديدار، اچ نه سياڻي، وقت به وقت
ٻڌايو رَب بهانو، آئي الڳ ٿيڻ جي رُت

ايم-رفيق هڪ اعليٰ شاعر

ائين هرويرو سچ ڪونهي تہ لفافي کي ڏسي، اندر جو مضمون پانچي ونبو آهي. ساديءَ صورت واري ”رفيق“ کي ڏسي ڪير ڪونہ چوندو تہ هن شاعر ۾ ايڏو تيج سمايل آهي. هڪ ٻئي پٺيان سندس پنج شعرن جا مجموعا شايع ٿيڻ تي هرڪو عجب ٿو کائي. ’شمع‘، ’ساگر‘، ’دل-و-دُنيا‘، گلستان ۽ هينئر ’وير درشن‘ سندس نڪتل ڪتاب هن شاعر جي ساک ٿا ڏين.

رفيق هڪ سمپورڻ شاعر آهي. شعر جي هر صنف تي نہ صرف لکي ڄاڻي پر پنهنجيءَ اُڏام سان گهڻن کي پٺيان ڇڏي ٿو وڃي. مون کيس ويجهو ڏٺو آهي. شعر سندس زندگي آهي. شعر کان سواءِ هو ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. سندس شعر جون هي سٽون اهو صاف ٿيون ٻڌائن :-

”منهنجو جيون خوشبوءِ آ ڦهلايان ٿو،
منهنجو جيون شاعر آ مان ڳايان ٿو،
منهنجو جيون آهہ خوشي مسڪايان ٿو،
منهنجو جيون ساگر آ لهرايان ٿو.“

سندس شعر پويتر گنگا سمان ڪڏهن ڇولين جي ڌڌڪار سان ٿو وهي، ڪڏهين گنڀير، اونهو ۽ نماڻو. انت ۾ سائينءَ جي ساراهہ ۾ وڃي ٿو. جيئن گنگوتري کان نڪري ساگر ۾ سمائڻ تائين گنگا جا انيڪ رنگ آهن. تيئن هن شاعر جا بہ انيڪ رنگ آهن.

سندس آخرين ڪتاب ”وير درشن“ ۾ جيتوڻيڪ ڪيترا شعر گهڻو اڳ جا لکيل آهن ۽ وقت کان گهڻو اڳتي نڪري آيا آهن. تنهن هوندي بہ اڄوڪيءَ جنگي وايومنڊل ۾، ديش ڀڳتيءَ کي پختو ٿا ڪن. سندس ”ويرتا جي آکاڻي“ شعر جو ڍنگ، هنديءَ جي مهان ڪوي مئٿليشرڻ گپت جي ياد ٿو ڏياري. سندس ”آءُ هلي آکاڙي“ جو شعر گنگا جي سيتل ۽ شانت ڌارا جي ٺنڊڪ ٿو بخشي.

هن زندگيءَ جي شام ۾ هن شاعر جو قدر ٿيڻ کپي. مُئي کان پوءِ سڀ اُپري نہ اُپري.

شري موتي رام هيرانندائي ”موتي“
ٽائون هال، سنڌونگر

چندرپان منهنجو يار

چندرپان، ها چندرپان کھڙو نہ منڙو نالو آهي. سندس سونهن ۽ شڪل اصل چنڊ وانگر آهي. گول گول چهرو، مشڪندڙ، موهيندڙ مکڙو، ڳالهائڻ ۾ جا نہ ميٺاج اٿس. ننڍپڻ ۾ هم-ڪلاسي هئاسين. سندس ياريءَ تي هرڪنهن کي رِشڪ هوندو هئو. سندس پتا شري مسٽر موړندرام ماسٽر صاحب هئا. قد جا قداور ۽ چهرو روبدار. جا نہ اُستاد جي اُستادي هوندي هئي. پاڙهڻ جو طريقو سندس بنهہ نرالو هوندو هئو. جيڪي سيکاريندا هئا. هڪدم دل ۾ پيهي ويندو هو. اصل وسري ئي ڪين. پتاجن جي جڙيت ۽ همٿ سان چندرپان ڊاڪٽري پاس ڪئي. ۽ جلد ئي ولائت يعنيٰ امريڪا ڏانهن رُخُ رکيو. ڊاڪٽري آهي درد وندن جو دک دور ڪرڻ، يعنيٰ خدائي خدمت، خلق جي خدمت هڪ ئي قسم جي بندگي آهي. سندس پتا هتي اُلهاسنگر ۾ آيا هئا. بيماريءَ جي حالت ۾ هتي ئي رهڻ لڳا. ٿوري ئي عرصي ۾ عرش تي چڙهائي ڪري ويا. هن موقعي تي چندرپان اُلهاسنگر ۾ آيا هئا. الاجي ڇو موقعي هوندي بہ ڪيس ملي نہ سگهيس. شايد قسمت ۾ ائين ئي لکيل هو. مونکي هميشه ننڍپڻ جي دوستن سان ملڻ جي لاءِ اُڪير رهندي آهي. سندس پتا صاحب جي هلي وڃڻ تي دل ۾ درد جاڳيو ۽ مون سندس شرڌانجليءَ ۾ هڪ غزل جو "ياترڪ" جي نالي سان هن ڪان اول صفحن تي ڏنل آهي. جواب ۾ هن صاحب امريڪا وٽي هڪ خط لکيو. سندس هي پراڻين يادگيرين کي تازو ٿو ڪري. هي خط اتهاس جا وَرَق آهن. جي مان پنهنجي ڪتاب ۾ شايع ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو. هي خط گل گلاب جيان پنهنجي خوشبو هميشه ڦهلائيندا رهندا.

ايم-رفيق

هن کي ڳروءَ پاتو ڪفن-موٽ
تنهنجي سڪ ۽ قرب ۾ هاريل بازي
منهنجو جهڪيو سِرُ اُن در قاضي
دوست جي قلم مان ملي روح کي راحت
قائل، توسان ڪيان ٿو، اُن در عبادت
حاڪم جي حڪم سان پکي جو اُڏاڻو
آکيرو رهجي ويو يادين جو ترانو
رب جي حُڪمت سان ڪالهه ٿي ماضي
يادين جي سهاري رهڻو آهي راضي
وقت جي ٻلهاري، ڪوئي نه هٿ رهڻو
اُن جي در آهي اسانکي پل پل جُهڪڻو
ٽپ ٽپ وهن ٿا نيڻن مان ڳوڙها
چندرجي ارداس آهي بابي جي در
منهنجي بابي کي ڏئي چرنن ۾ گهر

شيءِ چنتڪ
شري چندرڀان مورندرام

AEFOGRAMME • VIA AIRMAL • PAR AVION


Thaddeus Lowe (1832-1913) American Balloonist

جلا وطن جي ڊائري مان

(۱)

خدا ڪان پري آهيان، خدا مون ڪان پري ناهي.
وطن ڪان پري آهيان، وطن مون ڪان پري ناهي.

(۲)

ڇڄون ڇوڙي جئن ڏئي، ٻنڌو هٿ سيرون،
ڇمڻ اڇڻ چاه مان، هاڪاريون هيرون،
ورڇوُڙا، ويرون، ڇڙهن ڇوٽ درياه ۾.

(۳)

ڇِڻمَ ڇڻُمَ تون، منهنجي مٺڙي ماءُ،
پڙڪيَ اُٿنديون باه جون ڇٽگون ڪري نڪاءُ،
حسن جو ٽڪو ٽاءُ سهي سگهنديون ڪين ڪي.

(۴)

تون هتي، مان هتي، ٻانڌي آهيون بند،
حاڪم ٿيا هر هنڌ، ملڻ هاڻ محال ٿيو.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) ملڪ وراهي ڇڏيو امامن،
ڪير بچائي سگهيو نہ دامن.

(۲) پر پکيئڙا ڪوهي ويٺا،
بنا پرن جي ڪيئن اُڏامن.

(۳) ويري ويا سڀ ملڪ کي ويڙهي،
سر تي سوٽي لڳي غلامن.

(۴) محبت ويئي نفرت آئي،
هوش وڃايو هاڻ مقامن.

(۵) رفيق ملي آزادي کهڙي،
ڪئي قهر جي ڪُوءَ ڪلامن.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) شاعر سنگيتڪار صحبت رهي آ،
سنگيت شاعريءَ جي محبت رهي آ.

(۲) هو چنڊ تارا ۽ گلشن جا ٻوٽا،
شاعر جي دل جي نزاڪت رهي آ.

(۳) هو ساگر ڪنارو ۽ ڪي مشڪندڙ چهرا،
ڪنهن شاعر جي دل جي حسرت رهي آ.

(۴) جڏهن گيت ڪوئي سُرَ ۾ سجائي،
تڏهن ساز سُر جي حڪومت رهي آ.

(۵) مونکي شعر-بيوس ننڍ مان جاڳايو،
سندس بيوسيءَ جي نہ قيمت رهي آ.

(۶) چا مشڪندڙ چهرو، چا شاعري ضيا جي،
سندس شاعريءَ ۾ شرارت رهي آ.

(۷) حسن عشق جو آ ميلو انوکو،
سندس مرڪ دل ۾ امانت رهي آ.

(۸) نئين روشني آ، نئين زندگي آ،
بندگي بندن جي خِدِمت رهي آ.

(۹) چندر يي جو عشق مان سنگيت ڇيڙيو،
سندس جادو ئي سُرَ جي عظمت رهي آ.

(۱۰) بيوس، ضيا ۽ ماسٽر چندر جي،
زماني کي اڄ يي ضرُورَتَ رهي آ.

(۱۱) سنگيت شاعريءَ جي انوکي سنگم تي،
هميشه الاهي عنايت رهي آ.

(۱۲) هيءَ سُرهاڻ سنڌ جي ڦهلي جهان ۾،
رفيق رَب ڏنيءَ جي محنت رهي آ.

٥ ..... ٥ ..... ٥

جلا-وطن

(١) سنڌ ڪان جلا وطن ٿي پارت ۾ آءُ آيس،
ٻي گهر ۾ ٻي وطن ٿي پارت ۾ آءُ آيس.

(٢) سُهڻي سگهڙي سنڌڙي هئي منهنجو آشيانو،
قدرت جي سونهن ڇا هئي، هئي حسن جو خزانو،
آهي خوشنصيب ڪوئي، جنهن کي نصيب ٿئي ٿو،
ڪاري نه رات ڪائي، روشن هئو زمانو،
عرشن ۾ ڪٿي پي نه اهڙو نظام آهي،
اي دل ٻڌاءِ، ڇا ڪٿ پي اهڙو مقام آهي.

(٣) ڌرتي هئي نه ڌرتي، هئي منهنجي زندگاني،
هر زندگي حسن هئي، هر زندگي جواني،
هر چهرو گلشن گلشن، اکڙين ۾ موج مستي،
هر روُپ عاشقانو، هر چال عاشقاني،
سنڌ جي سمان جهان ۾ سُهڻو گلزار نه ڪوئي،
سنسار کي نه حاصل اهڙو بهار ڪوئي.

(٤) هئي سادگي، سچائي، هئي بيشمار محبت،
نيڻن ۾ نوُرُ نوري، هر دل ۾ هئي صداقت،
قدرت ڪمال بخشيو، قدرت جمال بخشيو،
بخشي سنتن ۽ درويشن سِنڌ کي اعليٰ عنامت،
سنڌ جي گلابي گلشن کي ڪنهن جي نظر لڳي ويئي،
سنڌ جي گل بدن کي ڪنهن جي نظر لڳي ويئي.

(٥) جنون آزاديءَ جو بربادي بڻجي آئي،
جنونُ خوشحاليءَ جو ناشادي بڻجي آئي،
بي گناهه معصوم چهرا ڇپيانجي مري ويا،

جلا-وطن

(١) سنڌ کان جلا وطن ٿي ڀارت ۾ آءُ آيس،
بي گهر ۽ بي وطن ٿي ڀارت ۾ آءُ آيس.

(٢) سُھڻي سڳوڙي سنڌڙي هئي منهنجو آشيانو،
قدرت جي سونهن ڇا هئي، هئي حسن جو خزانو،
آهي خوشنصيب ڪوئي، جنهن کي نصيب ٿئي ٿو،
ڪاري نہ رات ڪائي، روشن هئو زمانو،
عرشن ۾ ڪٿي پي نہ اهڙو نظام آهي،
اي دل ٻڌاءِ، ڇا ڪٿ پي اهڙو مقام آهي.

(٣) ڌرتي هئي نہ ڌرتي، هئي منهنجي زندگاني،
هر زندگي حسن هئي، هر زندگي جواني،
هر چهرو گلشن گلشن، اکڙين ۾ موج مستي،
هر روُپ عاشقانو، هر چال عاشقاني،
سنڌ جي سمان جهان ۾ سُھڻو گلزار نہ ڪوئي،
سنسار کي نہ حاصل اهڙو بهار ڪوئي.

(٤) هئي سادگي، سچائي، هئي بيشمار محبت،
نيڻن ۾ نوُرُ نوري، هر دل ۾ هئي صداقت،
قدرت ڪمال بخشيو، قدرت جمال بخشيو،
بخشي سنتن ۽ درويشن سِنڌ کي اعليٰ عنامت،
سنڌ جي گلابي گلشن کي ڪنهن جي نظر لڳي ويئي،
سنڌ جي گل بدن کي ڪنهن جي نظر لڳي ويئي.

(٥) جنون آزاديءَ جو بربادي بڻجي آئي،
جنونُ خوشحاليءَ جو ناشادي بڻجي آئي،
بي گناهہ معصوم چهرا ڇيپانجي مري ويا،

وطن جي ياد

(١) سدا ياد مونکي ستائي وطن جي،
صبح شام وائي ورائي وطن جي.

(٢) اسان جو وطن هو گلستان سنڌڙي،
بنا روح هاڻي ٿي بيجان سنڌڙي،
لڱ لونءُ لونءُ ۾ لوري آهي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(٣) سچل شاه سامي ۽ بيکس جي سنڌڙي،
روحل روح بيدل ۽ بيوس جي سنڌڙي،
سندن سونهن سوڀيا وڌائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(٤) اسانجو سدا واه سدا واه آهي،
وڃي جنهن ڇپي هيئان منگر واه ڪاهي،
عنايت ڳڙهي ياسين ڪي آهي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(٥) شڪارپور ۾ سنڌ واه، سکر ۾ ساڌٻيلو،
لڳي ٿو هتي شائقن ۽ سنتن جو ميلو،
بکر ۽ روهڙي پڻ جوت آهي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(٦) هو ڀڳتن ۾ سرمور، ڪنوررام پيارو،
سندس ساز-و-سوز هو سڀ کان نيارو،
ويو راڳ سان رڳ رڳ ريجهائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(٧) هجيئي هڙ ۾ ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو،
ڏٺو حسينن جو حسن عاشقانو،

آزادي هاءِ ڏائڻ شهزادي بڻجي آئي،
اڳوان رهيو ثابت، انسان ويو قتل ٿي،
شيطان رهيو ثابت، پڳوان ويو قتل ٿي.

(٦) سنڌ جي سر زمين، منهنجو نشان باقي،
آهي سنڌ وَرَڻ جو دل ۾ ارمان باقي،
موٽي وري ايندا سين، اي دل ڀڏاءِ مونکي،
مون کي ڇڏ ڀڏائي، ڪر تون احسان باقي،
رفيق ياد وطن جي پاڻي ڪري پيئان ٿو،
هڪ آس تي مري پي ور ور ڪري جيئان ٿو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(١) وطن وڃائي ويٺا آهيون،
پاڻ سڃائي ويٺا آهيون.

(٢) بي خبريءَ ۾ حب وطن جي،
خاڪ بڻائي ويٺا آهيون.

(٣) عشق زباني هرڪو ڄاڻي،
رمز هلائي ويٺا آهيون.

(٤) وطن ڪنهن کي ياد نہ آهي،
هوشُ ڀُلائي ويٺا آهيون.

(٥) رفيق پلجي ڏارئي گهر کي،
وطن بڻائي ويٺا آهيون.

ه ..... ه ..... ه

ڏوهيڙا

(١) پرين پرين هو چون، منهنجو پرين ديس،
ٻاڙها ٻل گلاب، جئن، سائو جنهنجو ويس،
ڪاريهر جيان ڪيس، لهري لام ڪلهن تي.

(٢) سائي سائي سنڌڙي، جهڙا ساوا گاهه،
ڏاران سنڌوءَ ساهه، جڏي منهنجي جندڙي.

(٣) سئي ڪان وڌ سوُر، ڏسڻ ٿيا اڄ ڏيهه ۾،
سوريءَ چڙهيا ڪيترا، ماڻهون مثل منصُور،
پڇائيندي پوُر، پلڪوُن گذرن پانهنجون.

(٤) ڪٽي وڻ وطن جا ڪٽي رهيس آءُ،
جنجو منڙو نانءُ، آءُ نه ڏسان پاڻ سان.

(٥) جاڳو منهنجا خواب، آهيان هلڻهارڪي،
بيٺا ڏيئي جواب، هڏڙا هاڻ هلڻ ڪون.

(٦) آهن لڳا ڪنڌ، اڳيئي دل درياهه ڪي،
متان ڪڙي چنڌ، منهنجو چٽ چريو ڪرين.

(٧) آءُ بادلَ ڍڪ اکڙيون، جيئن نه ڏسان آءُ،
چانڊوڪيءَ جو نانءُ، منهنجو چٽ چريو ڪري.

(٨) وطن وڇڙُي آهيان، ويتر ڪر نه وڌاءُ،
تنهنجو تڪو تاءُ، سهي سگهندس ڪين ڪي.

(٩) وڇڙيس آءُ وطن ڪان، منهنجي ڇني ذات،
جهڙي ڪاري رات، تهڙا منهنجا ڏينهڙا.

(١٠) پڪيءَ جيان پرڏيهه اڇي ڦاٿس آءُ،
هئبت ڏاري هنياءُ، آنڌيون پسن اکڙيون.

(١١) ڪٽي ڏسندس هاٽي، جَتَ سَندَنِ جوئيون،
جن ڪي سونهن سِرَ تي، لالَ رَتَلَ لويون،
پائن جي پويون، ڳچي مٿي هارڙا.

(١٢) جهڙا ٻاڙها گهاگهرا، تَهڙا سندس ڳلَ،
بافتا ۽ بخمل، گهوريا ڪٽي نانوَ تان.

ہ ..... ہ ..... ہ

حسن عشق ۾ خوشنمائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(٨) هئي عالمن جي حيدرآباد بستي،
هئي عالمن جي گهٽ ڪين هستي،
ويا جوت جڳ مڳ جڳائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(٩) منوهڙو، ڪياماڙي، ڏسڻ لاءِ ڪراچي،
گلو صافُ ڏئي بنا ڪائي الاچي،
صدر ۾ رکي حيرت ڇپائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(١٠) هتي موسم بدلي ٿي پنهنجون ادائون،
جيئن بدلجن ڏيون، چنڊ جون ڪلائون،
ثنا ڪري دل ۾ سمائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(١١) زمين آهي ساڳي ۽ آسمان ساڳيو،
آهي رام ساڳيو ۽ رحمان ساڳيو،
مگر ڪوئي محبت سمجهائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(١٢) ڏسي گل گلابي، گلشن ۾ چهرو،
ڦري تنهن پليان تو، ڪري گونج ڀنورو،
سندس ٻولي ٻولي، سڻائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

(١٣) ڪٿي ڀي جي آهيون نہ آهيون وطن جا،
جلا وطن ڀي بڻجي، اڄ آهيون وطن جا،
رفيق ڇڏ تون سرهاڻ ڦهلائي وطن جي،
سدا ياد مونکي ستائي وطن جي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) سنڌ ۾ هئي سهائي رات،
هند ۾ آ اونداهي رات.

(۲) ڪير نہ چنڊ کي ياد ڪري ٿو،
چنڊ ڪان چوريءَ آئي رات.

(۳) گهر گهر ۾ جهومر بلب ٿو چمڪي،
بجلي ٿي چمڪائي رات.

(۴) بند ڪوٺيءَ ۾ پيار ٿئي ٿو،
سنڌ ۾ هئي هوائي رات.

(۵) هرڪو وطن وساري ويٺو،
رفيق نہ سنڌ جي ڀلائي رات.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) اچي يادگري ٿي الا منهنجي من ۾،
حياتي گذري جا پنهنجي وطن ۾.

(۲) هيو روز روشن، هئي چاندني پئي،
هئي تارن ستارن جي محفل گگن ۾.

(۳) هيون مٺڙيون مٺڙيون ڪلامن جون راتيون،
اڃان تائين ٿيون گونجن صدائون ڪنن ۾.

(۴) سَدر واهہ، سنڌ واهہ، سنڌو سکر ۾،
منهوڙو ڪياماڙي، گنگائن چمن ۾.

(۵) فضائون هوائون، شرابي نگاهون،
رفيق زندهہ آهن دل جي چمن ۾.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) سنڌي منهنجي ٻولي آ،
سنڌي منهنجي ٻولي آ.

(۲) ماءُ ڏني مونکي جنهن ۾ لولي،
سائي منهنجي ٻولي آ.

(۳) سنڌي ٻولي ٻولي ناهي،
ٻولي رنگ رنگولي آ.

(۴) هندستاني ڪا ٻولي ناهي،
هيءَ کهڙي آنک مچولي آ.

(۵) عشق چڙهيو آ اُتي ٽي هاٽي،
منهنجي اُڏند ڪٽولي آ.

(۶) هرڪو ويٺو هوش وڃائي،
هيءَ کهڙي ديش جي ڏولي آ.

(۷) ديوناگري ڪا ڀاشا ناهي،
بيهوشيءَ ۾ هولي آ.

(۸) عامل عاقل پاڻ پلايو،
ڪاڏي آفيم جي گولي آ.

(۹) سنڌي آهيان سنڌڙيءَ واري،
سُهڻي منهنجي ٻولي آ.

(۱۰) هوش وڃائي ٽوپيءَ بدران،
ڪنهن سِرَ تي پاتي چولي آ.

(۱۱) رفيق شاعر آهي ساحل،
دل ساگر جي ڇولي آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) آزاديءَ ڪان اڳ هو سادو فقير (گانڌي)،
هاڻي مگر بڻيو آ راجا امير گانڌي.

(۲) هنجا سيپئي پوئلڳ ڇا ڇا ڪن تماشو،
بالغ بڻي بالم ٿيو، اڳ جو سغير گانڌي.

(۳) جو جو ٿو شِشُ سڏائي، پائي ٿو گانڌي ٽوپي،
ٽوپيءَ جي هيٺان آهي ڇا بي نظير گانڌي.

(۴) ٿوري ئي سَفَرَ خاطر وايو ومان آهي،
اڳ جو سفر ڪندو هو، پيادو حقير گانڌي.

(۵) اَڳُ جو ستياگرهي، آهنسا نہ هاڻي جاڻي،
هاڻي قتل ڪري ٿو، بڻجي شرير گانڌي.

(٦) اجلاس جي ٿين ٿا، اخلاق جي ڪمي آ،
مرڪي پيئي ٿو هِتِڙي، وسڪيءَ بير گانڌي.

(۷) ڪنهن ڪنهن ڏني آهوتي، ڪنهن کي ملي آزادي،
هڪڙو فقير گانڌي، هڪڙو امير گانڌي.

(۸) هن چمن جو ورهاڱو، گانڌي الا ڪري ويو،
جو ويو ڪري سو رُوح نہ، سو هو سَرِيرُ گانڌي.

(۹) سيوا ڪرڻ جي خاطر، جنميو فقير گانڌي،
هاڻي حڪومت جي خاطر، جنميو امير گانڌي.

(۱۰) رفيق باوفائيءَ ڪنهن جي بيوفائي،
بدلي جنم جنم ۾ پنهنجو ضمير گانڌي.

ہ ..... ہ ..... ہ

ياترڪ

اڪرين رُنو، هتن لکيو، رفيق هي غزل
رهي روح - اُستاد تي شل الاھ جو فضل

غزل

(۱) پکي ويو اُڏامي، خالي ٿيو آشيانو،
جھڱمڱ جا زندگي هئي، بڻجي ويئي فسانو.

(۲) ڪايا رهي نہ ڪايا، ڪايا سان ڳُمُ ٿي ڇايا،
ڪايا جو اوچتو ٿي خاموش ٿيو ترانو.

(۳) بي جوڙ هئي جواني، منري مڌر زباني،
معشوق هئي منزل، عاشق هئو ديوانو.

(۴) آيو ڪٺي علم جي، سرهاڻ سنڌ وطن ڪان،
قائم سدا رهندو، سُرهاڻ جو خزانو.

(۵) سُهٽي جوان صورت، مهٽي مهان مورت،
ازخود سر جهڪيو ٿي ڏسي دبدبو شهاڻو.

(۶) اُستاد آھ جوتي، رفيق امر جوتي،
اُستاد جي آھ بخشيش، ناياب آ ملهہ خزانو.

ه ..... ه ..... ه

وندنا

(۱) نٻل آهيان مگر تنهنجو،
سٻل آهيان مگر تنهنجو.

(۲) گناهن ۾ تيس ڪارو،
ڪجل آهيان مگر تنهنجو.

(۳) رکين ٿو صاف ۽ سٿرو،
اُجل آهيان مگر تنهنجو.

(۴) سدا مدهوش مايا ۾،
سٿل آهيان مگر تنهنجو.

(۵) رفيق تنهنجي ٻل ٻڌ سان،
سڦل آهيان مگر تنهنجو.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) دل جي تار ٽٽي پيئي آ ٻيو ڪجهہ ناهي،
ساز جي تار ٽٽي پيئي آ، ٻيو ڪجهہ ناهي.

(۲) ڪيئن ڳايان مان گيت الاجي ڪيئن ڳايان،
دل جي تار ٽٽي پيئي آ، ٻيو ڪجهہ ناهي.

(۳) ڪيئن ڳايان مان گيت خدائي ڪيئن ڳايان،
دل جي تار ٽٽي پيئي آ، ٻيو ڪجهہ ناهي.

(۴) تار نہ آهي ساز نہ آهي مان ڪيئن ڳايان،
دل جي تار ٽٽي پيئي آ، ٻيو ڪجهہ ناهي.

(۵) رفيق آيو عشق خدا جو يار ٻٽي،
ساز ۽ دل جي تار ٽٽي پيئي آ، ٻيو ڪجهہ ناهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) سنڌ جي گلشن جي سرهاڻ جلا-وطن ٿي چڪي،
منهنجي محبوب وطن جي مهراڻ جلا-وطن ٿي چڪي.

(٢) جن دوستن يارن سان مون ڪئي ٿي محفل،
تن دوستن جي الا روح-رُهاڻ جلا-وطن ٿي چڪي.

(٣) مون اڏڻ چاهيو ٿي هڪ خوبطورت آشيانو،
هاءِ مگر سنڌ جي منهنجي ۽ ياڻ جلا-وطن ٿي چڪي.

(٤) اوچتو اهڙو ڪو زلزلو ۽ طوفان آيو،
شان-سنڌ جي پوتي ۽ پهراڻ جلا-وطن ٿي چڪي.

(٥) ڇا نہ قسمت سان غضب ٿي ويو ري رفيق،
دل هئي جنهن جان ۾، سا جان جلا-وطن ٿي چڪي.

٥ ..... ٥ ..... ٥

غزل

(١) الهہ پيو بچائي چرين عالمن کان،
وڇوڙيو جنهن اسانکي پنهنجي وطن کان.

(٢) ڪئي راڄ بدليا، ڪئي قومون بدليون،
مگر روشني آهہ ساڳي گگن.

(٣) نہ آرام هِتي آ، نہ آرام هُتي آ،
خوشي موڪلائي ويئي آ چمن مان.

(٤) بڻي آ زماني ۾ ظلمات کهڙي،
سچائيءَ جو پاڇو بہ ڏکي رمزنن کان.

(٥) هي ڏهڪاءُ کهڙو رفيق آيو آهي،
نہ آواز نڪري ٿو ڪنهن جي چپن مان.

٥ ..... ٥ ..... ٥

غزل

(۱) تون چئين، مان نہ مڃان، مشڪل آ،
تون چئين، مان نہ اچان مشڪل آ.

(۲) هڪ ڏينهن غصي ۾ تو چيو وڃ هلي،
تون چئين، مان نہ وڃان مشڪل آ.

(۳) محفل ۾ تو ڳڏ نچڻ لاءِ چيو،
تون چئين، مان نہ نچان مشڪل آ.

(۴) تو ڪار ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ چيو،
تون چئين، مان نہ هلان مشڪل آ.

(۵) تون ڪلي، مون کي ڪلائڻ چاهيو،
تون چئين، مان نہ کلان مشڪل آ.

(٦) تو ملڻ لاءِ ڏني دعوت رفيق،
تون چئين، مان نہ ملان مشڪل آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) ماتا جي گود جو سينگار، ٻار آ،
ماتا جي ممتا، پتا جو پيار ٻار آ.

(۲) پرڀاتي ڪرڻو جيئن اُڀري ٿو، اُفق ۾،
ماتا جي منهن تي مرڪ، نمودار ٻار آ.

(۳) سحرا ۾ آب خاطر، حيران هر بشر،
ماتا لاءِ جهرڻو، آبشار ٻار آ.

(۴) ماتا جي هنج ٻار لئہ، آهي بهشت ڪان مٿي،
ماتا جي دل جي خوشي، منٺار ٻار آ.

(۵) خواهش رکي خدا ٿو، رفيق ٻار تيڻ جي،
هر بندگي خدا جو ديدار، ٻار آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) خطا پنهنجي نڻو ڄاڻان،
سزا پنهنجي نڻو ڄاڻان.

(٢) الاجي روڳ ڪهڙو آ،
دوا پنهنجي نڻو ڄاڻان.

(٣) وڏي ٿو مرض محبت ۾،
شفا پنهنجي نڻو ڄاڻان.

(٤) ڏسي تنهنجي وفائيءَ کي،
وفا پنهنجي نڻو ڄاڻان.

(٥) رفيق جيئن رَبُ ٿئي راضي،
صدا پنهنجي نڻو ڄاڻان.

ة ..... ة ..... ة

غزل

(١) نہ تخت رهيو آ، نہ تاج رهيو آ،
هي ڪهڙو اڄ راڄ رهيو آ.

(٢) اڳوانن جون ٻٽيون سماڏيون،
هي ڪهڙو هنگلاڄ رهيو آ.

(٣) ڪمزورن کي هرڪو کائي،
جيوَ جيوَ جو ڪاڄ رهيو آ.

(٤) گولي ماريو ڪني هٿي جو،
اهڙو ئي علاج رهيو آ.

(٥) رفيق سڀ کي ڪونہ سڃاڻي،
ڪوڙن جو سوراڄ رهيو آ.

ة ..... ة ..... ة

غزل

(١) مونکي سهڻن جو سينگار تو غلام ڪري،
مونکي سهڻن جو ديدار تو غلام ڪري.

(٢) ڏين ٿا دلاسو ۽ ڪن ٿا انجام اُلفت جو،
مونکي سهڻن جو اقرار تو غلام ڪري.

(٣) هردم رهان تو ماندو، محبوبن جي محبت ۾،
مونکي سهڻن جو پيار تو غلام ڪري.

(٤) ڪڏهن ڪاوڙ ۾ اچي اقرار پلجي ٿا وڃن،
مونکي سهڻن جو انڪار تو غلام ڪري.

(٥) ڏسي سونهن سهڻن جي، هوش وڃائي تو وهان،
مونکي سهڻن جو خمار تو غلام ڪري.

(٥) رفيق عشق ڦاسائي ڪيو دربدر آهي،
مونکي سهڻن جو انتظار تو غلام ڪري.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(١) خريدار آهيان، مگر يار تنهنجو،
هيءَ دل آهي منهنجي ۽ گلزار تنهنجو.

(٢) گلشن جو خوشبو آ گلشن ۾ قابو،
ڪائي حد نہ ڪنهنجي، آهيان بهار تنهنجو.

(٣) جا حسن تنهنجو آهي لابيان لاثاني،
مان خوشنصيب آهيان، مگر پيار تنهنجو.

(٤) اجازت نہ آهي، اکڙين ۾ جهاتي پايان،
اکڙين ۾ جام آهي، ڪاجل خمار تنهنجو.

(٥) رفيق راهہ تنهنجي وٺي آيو دلبر،
رهي ديد منهنجي ۽ ديدار تنهنجو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ،
ڪجھ منهنجي خدائي آ، ڪجھ تنهنجي خدائي.

(۲) سنسار بڻايو تو، سينگار بڻايو مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(۳) انسان بڻايو تو، ايمان بڻايو مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(۴) ڪائنات بڻائي تو، محلات بڻايو مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(۵) قدرت بڻائي تو، محبت بڻائي مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(٦) چا آب بڻايو تو، شراب بڻايو مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(۷) آبشار بڻايو تو، يادگار بڻايو مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(۸) ڌرتي بڻائي تو، کيتي بڻائي مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(۹) ڪلام بڻايو تو، انعام بڻايو مون،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

(۱۰) رفيق جو خدا تون، رقيب جو خدا مان،
ڪجھ تنهنجي خدائي آ، ڪجھ منهنجي خدائي آ.

ه ..... ه ..... ه

گيت

(۱) ہول پکيئڙا ہول،
ہول پکيئڙا ہول.

(۲) عرش اُڏڻ جو ڪرتون سعيو،
پنهنجا پرڙا کول.

(۳) عرش ۾ آهي ديس پرين جو،
ڪينڪي منڙو ٻول.

(۴) ايندي ويندي گهمندي ڦرندي،
پنهنجو سائي ڳولھ.

(۵) نيٺ تہ واپس ورڻو آهي،
پنهنجو گهر انمول.

(٦) ديس ڇڏي پرديسي بڻجي،
رفيق نہ پاڻ کي رول.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) دلگير دل بهار تي پيو،
بيقرار ڇا قرار تي پيو.

(۲) شراب بند اچان بوتل ۾،
ڏسنديئي خمار تي پيو.

(۳) منهن تي چڙهيل نقاب آهي،
ڏسي هتڙا نثار تي پيو.

(۴) عشق ڏني نہ صورت مون،
خواب ۾ ئي بخار تي پيو.

(۵) ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ رفيق،
توروئي بيشمار تي پيو.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) ڇا شاعر جي ٻولي آ،
ٻولي رنگ رنگيلي آ.

(۲) سنڌي ٻولي سنڌ جي ٻولي،
آشائن جي جهولي آ.

(۳) شان ٻين جو آءُ نہ ڄاڻان،
منهنجي اُڏاند کٽولي آ.

(۴) ڪٽي گهمي بادل پچڪاري،
رنگ رنگيلي هولي آ.

(۵) برسي برسي بوند بهاري،
سهڻي جي آلي چولي آ.

(۶) چمڪي چنڊ چوڏس جو ڪڏهين،
تارن جي آنک مچولي آ.

(۷) رفيق آيو بڻي مداري،
ڇا مستن جي ٽولي آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) قدرت جي حسين وادين ۾ گلفام الاهي ڏيندو آ،
محبت جي رنگين اکڙين ۾ سلام الاهي ڏيندو آ.

(۲) قادر جي ڪرشمن جو ڪوئي حساب ڪونهي،
ساگر، درياهہ، ندين ۾ ڪلام الاهي ڏيندو آ.

(۳) هر حسن آهي پياسو، هر عشق جام آهي،
عاشقن جي نگاهن ۾ پيام الاهي ڏيندو آ.

(۴) آسمان ۾ چنڊ ستارا ڏا چمڪن،
گلشن جي هوائن ۾ انجام الاهي ڏيندو آ.

(۵) رفيق مريد بڻجي مرشد کي سر جهڪائي،
مرشد جي پاڪ قدمن ۾ انعام الاهي ڏيندو آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) بند ڪمري ۾ ڏينهن جو مھتاب تو ڏسان،
هيءَ آهه سايا يا ڪوئي خواب تو ڏسان.

(٢) آيو ڪٿان هي چنڊ جي ڇهري مٿان ڪڪر،
محبوب جي مکڙي مٿان نقاب تو ڏسان.

(٣) پرجي آيون اوچتو اکڙيون خمار ۾،
معشوق جي نظر ۾ شراب تو ڏسان.

(٤) گهونگهٽ رهيو نہ گهونگهٽ، ويو هوش اُڏامي،
جانب سندو جمال بي حساب تو ڏسان.

(٥) خوشبوءِ ساڻ ڪمرو سارو پري چڙيو،
زُلفن ۾ گل گلابي گلاب تو ڏسان.

(٦) آئي رفيق يار جي وصال جي گهڙي،
هر جوان دل ڪي عشق ۾ بيتاب تو ڏسان.

٥ ..... ٥ ..... ٥

غزل

(١) صورت وڃائي وينس، سيرت اڃان تہ باقي آ،
مورت وڃائي وينس، حيرت اڃان تہ باقي آ.

(٢) هيرن ۽ ماڻڪن جو سوداگر مان ناميارو،
دولت وڃائي وينس، شهرت اڃان تہ باقي آ.

(٣) مون عيش ڪيو عمر پر، ويئي چڙي جواني،
مسرت وڃائي وينس، حسرت اڃان تہ باقي آ.

(٤) ڪنهن ڪي نہ آهي جريت، جو اک ڪڻي نهاري،
طاقت وڃائي وينس، غيرت اڃان تہ باقي آ.

(٥) رفيق ڪيم گناهہ تهمت رهي نہ ثابت،
نفرت وڃائي وينس، تهمت اڃان تہ باقي آ.

٥ ..... ٥ ..... ٥

غزل

(۱) آڪاش ۾ بي انت ستارا آهن،
ڌرتيءَ تي بي انت نظارا آهن.

(۲) واهه نديون، تلاءَ ۽ درياهه،
ساگر ۾ بي شمار شڪارا آهن.

(۳) گلشن کي شبنم سجائي ٿي رکي،
سيتل جل جا جهرڻا ۽ بادل جا ڦوهارا آهن.

(۴) خدا جو نُور جهلڪي ٿو اکڙين مان،
سندس خدائيءَ جا ازغئبي اشارا آهن.

(۵) رفيق بڻيو حسن، عشق جو شاعر،
سندس غزل ۾ عشق جا ناد نغارا آهن.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) ڪيئي اڇن ٿا ديوانا،
ڪيئي اڇن ٿا مستانا.

(۲) شمع جلي ٿي پاڻ جلائڻ،
ڪيئي اڇن ٿا پروانا.

(۳) محبت آخر محبت آهي،
ڪيئي اڇن ٿا نذرانا.

(۴) دل جو ڪمرو خالي ناهي،
ڪيئي اڇن ٿا افسانا.

(۵) رفيق وڃن ٿا پلجي بستي،
ڪيئي اڇن ٿا بيگانا.

ہ ..... ہ ..... ہ

ڇا حق ناهي

(۱) هو چنڊ آهي،
ٻار به ڏسي ٿو،
جوان به ڏسي ٿو،
ڇا ٻيڙي کي -
ڏسڻ جو حق ناهي؟

(۲) هو گل آهي،
ٻار به ڇهي ٿو،
جوان به ڇهي ٿو،
ڇا ٻيڙي کي -
ڇهڻ جو حق ناهي؟

(۳) هو ڳل آهي،
ٻار به چمي ٿو،
جوان به چمي ٿو،
ڇا ٻيڙي کي -
چمڻ جو حق ناهي؟

(۴) هو محل آهي،
ٻار به رهي ٿو،
جوان به رهي ٿو،
ڇا ٻيڙي کي -
رهڻ جو حق ناهي؟

(۵) ٿو ساز وڄي،
ٻار به نچي ٿو،
جوان به نچي ٿو،
ڇا ٻيڙي کي رفيق
نچڻ جو حق ناهي؟

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) گلشن ۾ گل گھڻائي، مگر گل چنبيلي،
هئي پياري پياري هر گل جي سهيلي.

(۲) سندس نورُ نوري، جيئن بادل ۾ بجلي،
اُتي ٻهڪي جنهن جي حسن سان حويلي.

(۳) آيو اوچتو کو طوفان اهڙو،
وئي وچڙي، هئي جا ياءُ جي ٻانهہ ٻيلي.

(۴) ٽٽي ڪشتي، جيئن ويجهو آيو ڪنارو،
هيءَ آهي حقيقت نہ ڪائي پهيلي.

(۵) عمر ساري رکيا مون سور پنهنجا سنڀالي،
ڪٽي آءٌ ڳولهيان پيڻ پنهنجي اڪيلي.

(٦) هئي هر دم ۽ همنام منهنجي،
هئي سرسُر سونهن ۾ نت نت نويلي.

(۷) رفيق ياد آيو، اڄُ گذريل زمانو،
خدا شل ملائي جا وچڙي چنبيلي

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) محبت ڪئي اٿم تارن ستارن سان،
محبت ڪئي اٿم چاندني راتين سان.

(۲) ڏسي نزاڪت سڳنڌ گلن جي،
محبت ڪئي اٿم گلشن بهارن سان.

(۳) ڪوئل، بلبل نت روح ريجهائن،
محبت ڪئي اٿم ڪونج قطارن سان.

(۴) مينهن پوڻ سان ٿئي خوشحالي،
محبت ڪئي اٿم ميگهہ ملهارن سان.

(۵) رفيق ڏسي لالي لاهوتين جي،
محبت ڪئي اٿم رب جي پيارن سان.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) ڪنهن کي ڏوتي پياري آ،
ڪنهن کي ٽوپي پياري آ.

(٢) ڪوئي پائي منهن تي برقعو،
ڪنهن جي سر تي ساڙهي آ.

(٣) ڪنهن جي سر تي آهي پٽڪو،
ڪنهن جي چوٽي اُگهاڙي آ.

(٤) ٽوپي سر جو شان وڏائي،
ڪا خاڪي ڪا ڳاڙهي آ.

(٥) سر کي ڪوئي ڍڪي نہ هاڻي،
رفيق چو مت ماري آ.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(١) منهنجو حبيب آهين تون،
منهنجو نصيب آهين تون.

(٢) خدا جو شڪر مڃان ٿو مان،
منهنجي قريب آهين تون.

(٣) هر مرض کي پڇائين ٿو،
منهنجو طبيب آهين تون.

(٤) توکي سڃاڻي هرڪو ٿو،
شاعر اديب آهين تون.

(٥) رفيق خبر نہ ڪنهن کي آ،
عاشق عجيب آهين تون.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(١) ڇا حسن جي اکين ۾ ساگر نظر اچي ٿو،
ڇا عشق جي اکين ۾ ساگر نظر اچي ٿو.

(٢) تيسين نہ پيار ٿئي ٿو، جيسين ملن نگاهون،
معشوق جي اکين ۾ ساگر نظر اچي ٿو.

(٣) بيحد جي حد نہ ڪائي، سرحد جي حد نہ ڪائي،
عاشقن جي اکين ۾ ساگر نظر اچي ٿو.

(٤) غم جو نہ سهارو ڪوئي، غم جو نہ ڪنارو ڪوئي،
مسڪين جي اکين ۾ ساگر نظر اچي ٿو.

(٥) رفيق ٻار پيارو، ٻهڪي گلن جو ٻارو،
معصوم جي اکين ۾ ساگر نظر اچي ٿو.

ٿ ..... ٿ ..... ٿ

غزل

(١) پاڻُ سنڀالي ويٺا آهن،
ماڻُ سنڀالي ويٺا آهن.

(٢) ڪري مڪاري حڪيم ٻڻجي،
ڏاڻُ سنڀالي ويٺا آهن.

(٣) پوي نہ ڪوئي ڪوٽ ۾ ڪاهي،
ٻاڻُ سنڀالي ويٺا آهن.

(٤) ڪٿون واڻيندا هئا وطن ۾،
واڻُ سنڀالي ويٺا آهن.

(٥) پيٽ ٻڪئي لاءِ مهاڏڪر ۾،
ڇاڻُ سنڀالي ويٺا آهن.

(٦) رفيق ڪيتي آهہ سرسيتي،
ياڻُ سنڀالي ويٺا آهن.

ٿ ..... ٿ ..... ٿ

غزل

(١) رهيا ڪين هاڻي ودوان آهن،
رهيا ڪين هاڻي ڳڻوان آهن.

(٢) ادبي چمن کي سجائن ٿا مالهي،
رهيا ڪين هاڻي قدردان آهن.

(٣) علم ۽ عقل جا ديپڪ وسامن،
رهيا ڪين هاڻي شمعدان آهن.

(٤) ڪلين کي اُجاڙي هوا ايڙڪا جي،
رهيا ڪين هاڻي نگهبان آهن.

(٥) حسد آڳ آهي، جلائي دلين کي،
رهيا ڪين هاڻي مهربان آهن.

(٦) رفيق شاعريءَ جو ڏئي هرڪو هوڪو،
رهيا ڪين هاڻي سلطان آهن.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(١) گناه آهي، ته عدالت آ،
گناه آهي، ته وڪالت آ.

(٢) گناهن ۾ نه ڪري ڪوئي،
گناه آهي، ته حفاظت آ.

(٣) گناه حاڪم ڪري ويٺو،
گناه آهي، ته بغاوت آ.

(٤) گناهن کان ڏکي هرڪو،
گناه آهي، ته صداقت آ.

(٥) گناهن ۾ ڦيس ڪارو،
گناه آهه ته زيارت آهي.

(٦) رفيق رهان دور گناهن کان،
گناه آهي ته عبادت آ.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) حسن رهي ٿو ميلن ۾،
شير رهي ٿو ٻيلن ۾.

(۲) دنيا آهي کيل تماشو،
هرڪو رهي ٿو کيلن ۾.

(۳) ڪنهن کي ڪين وڻي تنهائي،
سڀڪو رهي ٿو ميلن ۾.

(۴) پنڌ ڪاهي پيا هاجي هڄ ٿي،
گهوڙا ٻڌي تبيلن ۾.

(۵) رفيق آهي سفر زندگي،
عمر گذري ٿي ريلن ۾.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) چمن جي دلڪش نظارن ۾ نزاڪت يار جي آهي،
گگن جي چند تارن ۾ سخاوت يار جي آهي.

(۲) حسن تي هرڪو هرکي ٿو، ڏسي دلبر کي مرکي ٿو،
حسن وارن جي اکڙين ۾، شرارت يار جي آهي.

(۳) ڏسي چنڊ جي جوانيءَ کي ٿيو ساگر چريو آهي،
سدا ساگر جي ڇولين ۾ شڪايت يار جي آهي.

(۴) ڏسي قادر جي قدرت کي، ٿي هرڪو نمازي ٿو،
پهاڙن جي وادين ۾، زيارت يار جي آهي.

(۵) خدا جي ياد ۾ تڙڦڻ، خدا جي بندگي آهي،
رفيق هر دل جي ڌڙڪڻ ۾، عبادت يار جي آهي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) دل جو پيار دل جو افسانو بڻي آيو،
دل جو پيار دل جو نذرانو بڻي آيو.

(۲) هڪ آگ اُٿي تن ۾ جنهن عشق ڪيو پيدا،
دل جي شمع تي دل جو پروانو بڻي آيو.

(۳) هر حسن آهي جهرڻو، جو پياس بجهائي ٿو،
عاشق بڻي اکين ۾ ميخانو بڻي آيو.

(۴) دلدار هرڪو دل جا سور سنڀالي ٿو،
هر درد ڪٿي دل جو ديوانو بڻي آيو.

(۵) معشوق رهي نہ ڪوئي، عاشق بڻي نہ ڪوئي،
محبت ۾ رفيق دل جو افسانو بڻي آيو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) اک ۾ ڪاجل نہ هجي،
دل جو قاتل نہ هجي.

(۲) بجلي چمڪي نہ ڪٿي،
اُپ ۾ بادل نہ هجي.

(۳) سُهڻي سُهڻي نہ لڳي،
سر تي آنچل نہ هجي.

(۴) ڪشتي لڙهندي وڃي،
پر ۾ ساحل نہ هجي.

(۵) رفيق عاشق ڪهڙو،
گر ڪو پاڳل نہ هجي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) هرڪنهن کي بنگلو ڪار کپي،
ناٽي سان ٻجوڙي تار کپي.

(۲) حڪم هلائي دل تي جاٽي،
گهر ۾ سهڻي سرڪار کپي.

(۳) شاهي شان آهي هوٽل جو،
مانيءَ سان گڏ يار کپي.

(۴) پيگ پيالو ڇُهي نہ دل کي،
خمار هوش جي پار کپي.

(۵) ڪوئي نہ ڄاڻي خدا جي هستي،
رفيق بندگي هربار کپي.

ھ ..... ھ ..... ھ

غزل

(۱) گل گل جو نماءُ پنهنجو آ،
گل گل جو هڳاءُ پنهنجو آ.

(۲) گل گل کي پنهنجي خوبصورتي،
گل گل جو لڦاءُ پنهنجو آ.

(۳) گل گل کي نزاڪت پنهنجي،
گل گل جو ڇهاءُ پنهنجو آ.

(۴) ڀنئرا اچي ٿا ڦيريون پائن،
گل گل جو لڳاءُ پنهنجو آ.

(۵) رفيق حسن جي حد نہ ڪائي،
گل گل جو ڇهاءُ پنهنجو آ.

ھ ..... ھ ..... ھ

غزل

(۱) تنهنجو حسن گلابي آڙي يار،
تنهنجو حسن شرابي آڙي يار.

(۲) برقعو پائي گهمڻ هلين ٿين،
تنهنجو حسن نقابي آڙي يار.

(۳) شرم حياءَ رهي پلڪن ۾،
تنهنجو حسن حجابي آڙي يار.

(۴) هر دل تي راڄ رهي ٿو تنهنجو،
تنهنجو حسن نوابي آڙي يار.

(۵) ڇڪجي اچن ٿا ڪارا ڀنوَرا،
تنهنجو حسن شبابي آڙي يار.

(٦) رفيق اڪين جي پياس ٻجهائين،
تنهنجو حسن ثوابي آڙي يار.

غزل

(۱) جي دل شاهه آهي ته غريب ڪي ڏسو،
ڏيئي ڇڏيو نه ڪنهن جي نصيب ڪي ڏسو.

(۲) گناهه ڪري ٿو هرڪو، ڪهڙو گناهه آ،
جي گناهه ڪرائن، تن اڪڙين عجيب ڪي ڏسو.

(۳) جي حسن ٿيو بيمار، ڪنهن عشق ۾ اچي،
شفا لئه ڪنهن عاشق طبيب ڪي ڏسو.

(۴) جي سيٺ ڏئي ڪين، دمڙي ڪا دان ۾،
تنهن سيٺ جو سخي منيب ڪي ڏسو.

(۵) دل ۾ خدا نه آيو درشن جي واسطي،
رفيق تنهن خدا جي قريب ڪي ڏسو.

ﮦ ..... ﮦ ..... ﮦ

غزل

(١) ٿڌي وٺڪار مان آهيان،
هير هٻڪار مان آهيان.

(٢) منهنجو جيون گلشن گلشن،
گل-و-گلزار مان آهيان.

(٣) مان مرڪي ٿي جڳ مرڪايان،
عجب اسرار مان آهيان.

(٤) جڳ ساري کي سرڳ بڻايان،
باغ-و-بهار مان آهيان.

(٥) منهنجي پيرن ۾ پايل چمڪي،
مڌر جهنڪار مان آهيان.

(٦) تن من جي پياس ٻجهايان،
ميگهہ ملهار مان آهيان.

(٧) منهنجي هستي سڀ جي هستي،
نئون سنسار مان آهيان.

(٨) ناري جيون سج چنڊ تارا،
اور ستڪار مان آهيان.

(٩) رفيق هرڪو مون لئہ ترّقي
آنند قرار مان آهيان.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) منهنجي گهٽائي ئي منهنجو راڄ،
منهنجي سرتي شاهي تاڄ.

(۲) علم عقل جو حساب نہ ڪوئي،
حاڪم نمبر جو محتاج.

(۳) ڇٽ ويندا والاڙي ڪرسيون،
کهڙي حڪومت، کهڙو ڪاڄ.

(۴) شور شرابا خون خرابا،
اهڙو آهي ريت رواج.

(۵) بيڪاري بيماري ڦهلي،
ڪري مرض جو ڪير علاڄ.

(٦) گانڌيءَ جو ساڪار ٿيو سپنو،
رفيق حاصل ٿيو سوراڄ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) بيمار ڪري ٿي دل کي انتظار جي گهڙي،
شل زندگي بڻي هڪ پيار جي گهڙي.

(۲) ساري عمر سجايو مون پاڻ کي مگر،
ويئي وڃي يار کي سينگارجي گهڙي.

(۳) ديدار ٿيو ڪين، دلدار جو اڃان،
آهي آرزو ٿئي نصيب ديدار جي گهڙي.

(۴) جو دل کي مليو آهہ، سڀ کي ملي وڃي،
ڇڏ ڪين تون وساري اعتبار جي گهڙي.

(۵) رفيق ڪر خدا جي تون بندگي سدا،
حياتيءَ ۾ نہ اچي ڪڏهن بيمار جي گهڙي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) اڃان خدا جاڳيو ناهي،
چو تہ خدا ساڳيو ناهي.

(۲) ويو ڏينهن، رات ٿي ويئي،
اڃان خدا جاڳيو ناهي.

(۳) رات، اڌ-رات ٿي ويئي،
اڃان خدا جاڳيو ناهي.

(۴) پهر پرڀات ٿي ويئي،
اڃان خدا جاڳيو ناهي.

(۵) رفيق شهر ۾ بات ٿي ويئي،
اڃان خدا جاڳيو ناهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) چنڊ هڪڙو جڳ چمڪائي،
جڳ ۾ سيتلتا ڦهلائي.

(۲) ساگر ڪارو بادل بڻجي،
مٺڙو پاڻي پيو ڇٽڪائي.

(۳) مرڪي مرڪي ڪوئي نهاري،
مرڪ رکيو سڀ کي هرڪائي.

(۴) ڪو سازن تي ڪو باجن تي،
گيت چپن تي هرڪو ڳائي.

(۵) الھ الھ ڪري سڀ هاريا،
رفيق الھ کي رکيو مڃائي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) خواهش تي آڪاش ۾ پرواز ڪيان،
آءٌ خدا جي بندگيءَ جو ساز ٿيان.

(٢) حڪم جنهن جي سان هلي سارو جهان،
تنهن خدا جي راز جو همراز ٿيان.

(٣) زندگي آهي خدا جي واسطي،
بندگي بڻجي خدا جو راز ٿيان.

(٤) عشق مان سارو جهان پيدا ٿيو،
حسن تي عاشق بڻي دمساز ٿيان.

(٥) ڪيترا سنسار ۾ شاعر بڻيا،
رفيق شاعر آءٌ مگر شهباز ٿيان.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(١) هٿڙا ڪيوم پيلا، شاديءَ جو ڏينهن آهي،
ڪپڙا ڏيوم رنگيلا، شاديءَ جو ڏينهن آهي.

(٢) آهيان شيلا راڻي، سُشيل گهوٽ راڻو،
هاڻي سڏيوم شيلا، شاديءَ جو ڏينهن آهي.

(٣) وڄن ٿا بئنڊ باجا، هاڻي ايندو دل جو راجا،
لاڏا ڳايوم رسيلا، شاديءَ جو ڏينهن آهي.

(٤) هي حسن ۽ جواني، محبوب جي ديواني،
عشق ۾ هلايم هيلا، شاديءَ جو ڏينهن آهي.

(٥) قُدرَتَ ڪمال آهي محبت وصال آهي،
رفيق ٿيم وسيلا، شاديءَ جو ڏينهن آهي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) پيار جي ريکا ۾ پيو ڦرندس،
کين خدا کان پيو ڪجھه گھرندس.

(۲) تنهنجو منهنجو عشق سلامت،
عاشق بڻجي آءُ پيو گهمندس.

(۳) تن جي ريکا، من جي ريکا،
هر ريکا کي آءُ پيو ڏسندس.

(۴) من جي ريکا، گل جي ريکا،
گل جي ريکا، آءُ پيو چمندس.

(۵) ڀاڳ جي ريکا ڀال ڀلائي،
رفيق تنهن کي دل ۾ رکندس.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) اڄ چنڊ ڪٿي آيو چانڊاڻ غزل جي،
اڄ واءُ ڪٿي آئي، سُرهاڻ غزل جي.

(۲) ڪنهن نظم چيو، ڪنهن شعر چيو، ڪنهن گيت، رُبائي،
محفل ۾ ڪئي تي هرڪنهن واکاڻ غزل جي.

(۳) هرڪو بڻي ٿو شاعر، دل جي شونق ۾ اچي،
کا خير ڪنهن کي آهي پهچان غزل جي.

(۴) حيرت لڳي ٿي حيرت، سڀ کي ڏسي ڪري،
چا مؤج آهي مستي، مهراڻ غزل جي.

(۵) رفيق ڀي ڪيو آ اڄ عشق غزل سان،
دل مان صدا اچي ٿي آڻ آڻ غزل جي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) آءٌ شاعر آهيان سنسار،
نالو منهنجو رفيق يار.

(۲) غئب جي حاصل اُڏند ڪتولي،
آءٌ گهمان دنيا چوڌار.

(۳) منهنجو روپ نہ آهي هڪڙو،
منهنجا ڪيئي روپ هزار.

(۴) آسمان ڌرتي ۽ ساگر،
سج، چنڊ ساٿي تارا اَپار.

(۵) قدم قدم تي منهنجي هستي،
من ۾ مستي آهہ پنڊار.

(٦) قدرت منهنجي سيج سَجائي،
گلشن ڪولي چڏي بهار.

(۷) بادل آهيان بجلي آهيان،
آءٌ نچان، ٿي ميگهہ ملهار.

(۸) منهنجي ٻولي هرڪو چاڻي،
چاڻي ٻڍڙو، جوان ۽ ٻار.

(۹) پيار جي ڀاشا منهنجي ڀاشا،
آهہ زندگي محبت پيار.

(۱۰) رفيق بندو آهہ خدا جو،
رفيق آهي سڀ جو يار.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) اکڙين ۾ ڪاجل جو ڪمال،
گلشن ۾ گل ڦل جو ڪمال.

(۲) ساري سرشٽي خدا اُپائي،
سرشٽي ۾ جل ٿل جو ڪمال.

(۳) ساگر نہ ڪڏهين شانت رهي ٿو،
ساگر ۾ هلچل جو ڪمال.

(۴) ساري جڳ ۾ مينهن وسائي،
بجليءَ ۽ بادل جو ڪمال.

(۵) ڪال نہ ڄاڻي پنهنجي قيامت،
رفيق بيءِ انت ديال جو ڪمال.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) آسمان ۾ ڇاجي آتشبازي آ،
خدا شايد اڄ پنهنجي شادي سازي آ.

(۲) ڌرتي دُلهن گهونگهٽ ۾ شرمائي ٿي،
خبر نہ آهي ڪير بڻيو اڄ ڪاضي آ.

(۳) دنيا پر جا آيا وگياني شيءِ موقعي تي،
سر جهڪائي هرڪو بڻيو نمازي آ.

(۴) نئون نرالو آهہ ڪرشمو قادر جو،
ڇا جادو ڇا بازيگر جي بازي آ.

(۵) حيرت حيرت عجيب انوکو اسرار رهيو،
رفيق رب جي راز تي هرڪو راضي آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) تصوير جا بڻي آ، تصوير تو بڻائي،
تقدير جا بڻي آ، تقدير تو بڻائي.

(٢) انسان جو جنم ٿيو، تُنهنجي حڪم سان جانب،
انسان جي انگن ۾ تحرير تو بڻائي.

(٣) نوراني نور تنهنجو، چمڪي اُٿيو اکين ۾،
پلڪن جي پردي جي تدبير تو بڻائي.

(٤) زبان ننڍڙي نازڪ، محفوظ ٿي ڏندن ۾،
چرپر ڪري چپن ۾ تقدير تو بڻائي.

(٥) حاسد بڻيا حسن جا، رفيق جي غزل جا،
رفيق جي قلم مان شمشير تو بڻائي

ه ..... ه ..... ه

غزل

(١) شاهه جي قدمن ۾ جهڪي عياز خاڪ ٿي پيو،
آهه شڪر قدمن سان لڳي پاڪُ ٿي پيو.

(٢) نادان آهي ڪوئي جو پيٽ تو ڪري،
چاڪاڻ سندس من-بڌي ناپاڪ ٿي پيو.

(٣) شاهه آهي سنڌ جو روحاني سڪندر،
روحاني دنيا قائم، املاڪ ٿي پيو.

(٤) هر گيت هو درويش جو ڪلام الاهي،
ڪائي نہ ڪنهنجي پرواهه، بيباڪ ٿي پيو.

(٥) سرُهاڻ ڦهلي شاهه جي ساري جهان ۾،
رفيق خدا پي محفل جو حيراڪ ٿي پيو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) مومل جو راڻل سان پيار،
هير رکيو رانجهن سان پيار.

(۲) اک جو اشارو ڪافي ناهي،
سُهڻيءَ جو ڪاجل سان پيار.

(۳) ور ور خوني جيل اچي ٿو،
جيلر جو قاتل سان پيار.

(۴) ڪاهي ڪاهي ٿڪجي پيئي،
ڪشتيءَ جو ساحل سان پيار.

(۵) رفيق محفل جو شيدائي،
شاعر جو محفل سان پيار.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) جوان دل جي طاقت يي هڪ نشو آ،
ملڪ جي حڪومت يي هڪ نشو آ.

(۲) حسن يي ڪري ٿو اکين سان شرارت،
اکين جي شرارت يي هڪ نشو آ.

(۳) عشق جي بدحواسي ڪوئي ڏسي،
بدحواسيءَ جي عادت يي هڪ نشو آ.

(۴) ڪري ڪين هرڪو خدا جي عبادت،
خدا جي عبادت يي هڪ نشو آ.

(۵) رفيق زندگيءَ ۾ بڻيو آهه نشئي،
نشي جي ضرورت يي هڪ نشو آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) مانسروَرَ ۾ موتي ڪونهي،
دل جي اندر جيوتي ڪونهي.

(٢) پلجي پرمن ۾ پڪن تا،
سِرَ تي ڪنهن کي پوتي ڪونهي.

(٣) ديا ڌرم کي ڪير سڃاڻي،
ٽن تي ڪنهن کي ڌوتي ڪونهي.

(٤) هرڪو پوڄي مڙهيون مساڻا،
دل پنهنجي ڪنهن ڌوتي ڪونهي.

(٥) رفيق ڪولي راز ٻڌايو،
سچ بنا سر سوتي ڪونهي.

 o ..... o ..... o

غزل

(١) ڪوني ٿي ڪوني جي رات،
ڇم ڇم پئسي جي برسات.

(٢) ڪير ڄاڻي هت ڇا ٿيندو ا،
پچري ۾ دل جي جذبات.

(٣) پيار نہ ڄاڻي، پئسو ڄاڻي،
ڏينهن بہ آهي ڪاري رات.

(٤) دل جي ڌڙڪن چالو رهندي،
ننڊ ڪٿي ايندي پريات.

(٥) رفيق صبح شرمائي چوندو،
ڇم ڇم پئسي جي برسات.

o ..... o ..... o

غزل

(۱) گهر واريءَ سان منهنجو پيار،
هوءَ منهنجي مان هنجو يار.

(۲) سڀ جي سار سنڀار رهي ٿي،
ڪين ڪري ڪڏهين تڪرار.

(۳) عشق پيار مان هوءَ نہ ڄاڻي،
آءٌ ڪريان هن ڪي لاچار.

(۴) هنجو حسن نرالو آهي،
ڪين ڪري ڪو هار سينگار.

(۵) رفيق رکيو مون ڪيس سنڀالي،
آخر آهي پنهنجو پيار.

٥ ..... ٥ ..... ٥

غزل

(۱) زندگي آخر ڇا آهي،
بندگي آخر ڇا آهي.

(۲) هرڪو جنم وٺي ٿو،
زندگي آخر ڇا آهي.

(۳) هرڪو گهمي، سمهي ٿو،
زندگي آخر ڇا آهي.

(۴) ڪوئي ڦيري مالها،
بندگي آخر ڇا آهي.

(۵) هرڪو هلي وڃي ٿو،
زندگي آخر ڇا آهي.

(٦) رفيق ڄاڻي مرشد،
زندگي آخر ڇا آهي.

٥ ..... ٥ ..... ٥

غزل

(١) پڙدو هتاءِ منهن تان، ديدار ٿي وڃي،
بادل ۾ آهه بجلي اعتبار ٿي وڃي.

(٢) ڏرتيءَ تي لٿو چنڊ آ، کهڙي خيال کان،
هڪ نظر ۾ ئي راز جو اظهار ٿي وڃي.

(٣) کولي ڇڏيون مون ڪڙڪيون دل جي مڪان جون،
سهڻو گلاب گلشن بهار ٿي وڃي.

(٤) اڄ حسن جهڪائي ويٺو، اکڙيون حياءَ کان،
عاشق جو پل عشق ۾ انتظار ٿي وڃي.

(٥) مرڪي نهاري مون ڏي، محبوب هڪ گهڙي،
رفيق رات ڀر جو پيار ٿي وڃي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) تنهنجي منهنجي پيار جو گذريل زمانو ياد آ،
تنهنجي منهنجي پيار جو گذريل فسانو ياد آ.

(٢) زندگي دل ڪشي هئي، دل ڪشيءَ جو خواب هو،
پيار ۾ ٻڏجي رهيس، تنهنجو ديوانو ياد آ.

(٣) تنهنجي صحبت رحمت هئي، جا ڦري قسمت بڻي،
جو ڏيو تو وٽان حاصل، نذرانو ياد آ.

(٤) ڇا هيو انداز تنهنجو، ڇا تنهنجو پرواز هو،
تنهنجو سُهڻو روپ چنچل، عاشقاڻو ياد آ.

(٥) هڪڙي ڏينهن آيس ملڻ، تنهنجي ڏني مون بي رُخي،
دل مٿان تنهنجو رکيل سنگدل نشانو ياد آ.

(٦) پيار جو اقرار هو، ڪجهه ڪجهه هئو انڪار پڻ،
هر گهڙيءَ تنهنجو رفيق، بدليل بهانو ياد آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) اَنَ جو کٽو بک مٽائي ٿو،
جل جو ڦڙو اُڃ مٽائي ٿو.

(۲) اوترو کائو جيترري بک هجي،
اوترو پيو، جيتري اُڃ هجي.

(۳) هک بي کَٽو زيان نہ ڪريو،
هک بي ڦڙو زيان نہ ڪريو.

(۴) ڏسو بک ۾ کو مري نہ وڃي،
ڏسو اُڃ ۾ کو مري نہ وڃي.

(۵) ان جو کٽو محنت آهي،
جل جو ڦڙو رحمت آهي.

(٦) تن اندر ٻاهر رکو صفائي،
من اندر ٻاهر رکو صفائي.

(۷) هفتي ۾ هک ڏينهن اُپواس ڪريو،
هفتي ۾ هک ڏينهن سنياس ڪريو.

(۸) صحت سٺي خوشحالي ايندي،
جڳت اندر هريالي ايندي.

(۹) سوچيو سمجهيو ۽ عمل ڪريو،
رفيق جيوَنُ سڦل ڪريو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) اکڙين ۾ عشق ڪنهنجو، دل ۾ پيار ڪنهن جو،
پلڪن کي رهيو آهي، اڄ انتظار ڪنهنجو.

(۲) رهيون غم هوائون، فضا بيڪرار آهي،
بادل ڪٽي گهمي ٿو دل ۾ بخار ڪنهنجو.

(۳) آهي رات ڪاري ڪاري، تارا ستارا ٽمڪن،
سڀ کي تلاش آهي، غائب آيار ڪنهن جو.

(۴) سيني ۾ دل رهي ٿي، پيئي سنڀالي ڪنهن کي،
دل آهي منهنجي ليڪن، آهي اختيار ڪنهنجو.

(۵) رفيق ڇو الاجي پنهنجو بڻيو پرائو،
ڪنهن تي رهيو نه آهي، اڄ اعتبار ڪنهنجو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ڪوئي در ڪڙڪائي ويئو،
در کوليو ڀاڏائي ويئو.

(۲) ڪير آهي ڪا خبر نه ڪائي،
ڏارن مان واجهائي ويئو.

(۳) ڇا ڪوئي بيمار ته نه آهي،
پيڙا ڪان ڇلائي ويئو.

(۴) در کوليوسين ڪو نظر نه آيو،
دور دور کو ڳائي ويئو.

(۵) ”مان آيس. تو در ئي نه کوليو“
رفيق خدا آزمائي ويئو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) گل گلاب تون گلشن جو مستيءَ ۾ لهرائين،
حسن ڏسي توکي شرمائي، ڇا لئہ تون شرمائين.

(۲) حسين چهرو، نيڻ نشيلا ڄڻ اُڀ ۾ چنڊ ستارا،
چمڪي ٽمڪي، ڀهہ ڀهہ ڀڙڪين، تون دل کي ڀڙڪائين.

(۳) تون سندر، ڪومل ۽ نرمل، تون پيار پري چنچلتا،
تون ٻڌجي قسمت جي ريکا، سڀ سان ڀال ڀلائين.

(۴) ادب آئينو آهي تنهنجو، نئڙت پري زباني،
پنهنجي هردي جي جهرڪي مان خوشبوءِ تي ڦهلائين.

(۵) تڙڦ اندر تڙقي تو شاعر، سمجهي ڪير پرولي،
رفيق بڻيو تنهنجو ديوانو، تون پيئي مسڪائين.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) رَبَ جهڙو ٻيو خالق ڪونهي،
رَبَ جهڙو ٻيو رازڪ ڪونهي.

(۲) پنهنجي سونهن تي پاڻ ئي عاشق،
رَب جهڙو ٻيو عاشق ڪونهي.

(۳) پنهنجي دل کي پاڻ سنڀالي،
رَبَ جهڙو ٻيو مالڪ ڪونهي.

(۴) سڪ منجهارون پيو سڏي تو،
رَبَ جهڙو ٻيو سالڪ ڪونهي.

(۵) رفيق شاعري رب جي پياري،
رَبَ جهڙو ٻيو شائق ڪونهي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) پکي پر ڦڙڪائي ويٺو،
دور نظر ڦهلائي ويٺو.

(۲) دل ۾ ڪري اُڏڻ جو سعيو،
منزل کي چٽائي ويٺو.

(۳) آهه پکيءَ جي ڪهڙي منزل،
دل من کي سمجهائي ويٺو.

(۴) شايد هاڻ اُڏامي ويندو،
پنهنجي راهه بڻائي ويٺو.

(۵) رفيق ويو پکي اُڏامي،
آکيڙو پڇتائي ويٺو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) بڻيا آهيون جوڳي، مگر جام گهرجي،
دل جي خماري صبح شام گهرجي.

(۲) ڪريون ٿا هميشه خدائيءَ جون ڳالهيون،
خدا جي خدائيءَ جو پيغام گهرجي.

(۳) الا عشق ۾ ڪيئن ڦاسي وياسين،
ڪري عشق جاڻون، اول نام گهرجي.

(۴) حياتيءَ ۾ نہ ڪڏهين ڪئي ڪا ڪچائي،
رهون پاڪ دامن نہ بدنامُ گهرجي .

(۵) پري چو زمانو اسان کان پچي ٿو،
رفيق کين پئسو فقط رام گهرجي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) آءُ پرديسي آيسُ سُهڻا تنهنجو ديش ڏِسڻ لاءِ،
پيار جي راحت آھ ڇڏيو، مونکي هت پهچائي.

(۲) پيار جي دنيا، پيار جا رستا، پيار ئي منزل منهنجي،
عشق نہ ڄاڻي عاشق ڪوئي، ڪير تنهن کي سمجهائي.

(۳) پيار ئي آهي هستي منهنجي، پيار ئي مستي منهنجي،
محبت جي بستيءَ ۾ ويٺس، دل جي شمع جلائي.

(۴) پرديسي پرديسي آهي، پرديسي ڪير سڃاڻي،
ديس هجي هان منهنجو جيڪر، دل کي ڪير ستائي.

(۵) او سُهڻا او منهنجا سُهڻا، ڏي ديدار دريءَ کان،
رفيق اچڻ کان، مون وٽ پهچڻ کان دل تنهنجي شرمائي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) انسان جي دل خدا جو گهر آهي،
ٻاهر مڙيوئي اينٽ ۽ پٿر اهي.

(۲) ڇا خدا رهي ٿو بند چئن ديوارين ۾،
هي تہ شريعت جي دماغ وارن جو اثر آهي.

(۳) ڪوئي پڇي خدا جو شهر آهي ڪٿي،
انساني سرير زنده، خدا جو شهر آهي.

(۴) ديول مندر، گرجا ۽ مسجد کي ڏسي پلجي ٿو،
سمجهو تہ خدا جي نُور کان بيخبر آهي،

(۵) پوڄا جا گهر وري بہ ٺهي سگهندا آهن رفيق،
انساني گهر کي ڊاهي ڇڏڻ خدا جو قهر آهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) کير ٿو پنهنجي ننڊ ڦٽائي،
کنهن شمع سان دل لڳائي.

(۲) شمع ۾ تہ آخر شعلو آهي،
کير ٿو ڪاري سان ڳالهائي.

(۳) ڪارو ڀنئرو گل تي آيو،
خوشبوءِ ڪيس رکيو للچائي.

(۴) گل جي هستي، گل جي مستي،
ڪاري ڀنئري کي ڦاسائي.

(۵) رفيق گل کي قياس نہ آيو،
ڀنئرو ويٺو جان گنوائي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ويس مان مڪي مديني ديدار ڪري آيس،
سچ ٿو چوان مان خدا سان پيار ڪري آيس.

(۲) ناپاڪ هئي دل جا، ٿي پاڪ مگر هاڻي،
مان پنهنجي گناهن جو اظهار ڪري آيس.

(۳) مونکي خبر نہ ڪائي، آهي خبر خدا کي،
جاڻي خدا، خدا تي اعتبار ڪري آيس.

(۴) تن من ۾ ڪري خدا، شڪرانا بجا آندا،
هر روز بندگي جو اقرار ڪري آيس.

(۵) رفيق بٽيس هاجي، ڪنهن کي نہ خبر پيئي،
درگاهہ وچي خدا کي رازدار ڪري آيس.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ڪانُ بہ آهي عاشق جوان،
دل ۾ لڳائي عشق جو باڻ.

(۲) سُهڻي صورت سُهڻي مورت،
ڪيئن ڪريان مان تنهنجو بيان.

(۳) عاشق بڻجي شعر چوي ٿو،
دل سندس آهي ديوانُ.

(۴) روپ سجائي روپ جي ريکا،
دل چائي دل جو ايمان.

(۵) رفيق مڌر مرليءَ سان موهي،
ڪانُ تہ آخر آهي ڪانُ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) اکڙيون حسين آهن، اکڙيون شڪار ڪن ٿيون،
اکڙيون ئي ڪن ٿيون گهايل، اکڙيون ئي پيار ڪن ٿيون.

(۲) مشڪل سان سمجهي ڪوئي اکڙين جا ئي اشارا،
اکڙين ۾ نشو آهي، اکڙيون خمار ڪن ٿيون.

(۳) اکڙين جي ڏسي شوخي، ڌڙڪن ٿئي ٿي پيدا،
سڀ عشق جون نشانيون، دل کي بهار ڪن ٿيون.

(۴) هي اکڙيون گلابي، هي اکڙيون شرابي،
نئون روپ پل پل ۾ اختيار ڪن ٿيون.

(۵) خدا جي عبادت ۾ جاڳن ٿيون اکڙيون،
رفيق نُور نُوري نروار ڪن ٿيون.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) شاعر سچل سان منهنجي ملاقات نہ ٿي سگهي،
ساڻس چو الاجي روبرو ڪا بات نہ ٿي سگهي.

(۲) هر شعر سندس ڏئي ٿو پختگي جي شاهدي،
چو ڪيس جوڳي شهرت حاصلات نہ ٿي سگهي.

(۳) ساڻين سان اچي سهڙيو سماروح لئہ،
معلوم نہ سندس دل جي جذبات ٿي سگهي.

(۴) تابش جلايو بادل، ويو آب اُڏامي،
رهيو خالي خالي بادل، برسات نہ ٿي سگهي.

(۵) تصوير هئي جا گهرجي، تصوير بڻي رهي،
تصوير بي زبان مان نغمات نہ ٿي سگهي.

(٦) شاعرجي تڙڦ دل ۾ رهي تڙڦ ئي رفيق،
جا رات ئي اڌ رات پرڀات نہ ٿي سگهي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ڪيئن گذاريان غم جون راتيون،
باقي رهيل دم جون راتيون.

(۲) غم جو پيالو، دل پيئي ٿي،
ڪيئن گذاريان رنج-و-الم جون راتيون.

(۳) غم وساري ڪين سگهان ٿو،
غم وڌائي غم جون راتيون.

(۴) ننڊ نيڻن ۾ ڪين رهي ٿي،
پيو گذاريان ستم جون راتيون.

(۵) رفيق رهي يا ڪين رهي،
ليڪن رهنديون غم جون راتيون.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ڪال بہ آهہ ديال جو ٻار، اُن جو ٻيي ستڪار ڪنداسين،
ڪال سڃائي تو سنسا، اُن جي ٻيي ستڪار ڪنداسين.

(۲) سڄ اُڀري ڏينهن ٿئي، دور ڀڄائي تو انڌڪار
هرڪو جاڳي، کلي ڏوارُ اُن جو ٻيي ستڪار ڪنداسين.

(۳) گلشن گلشن شبنم شبنم، چوڏاري گلڪاري گلزار،
باغن منجهہ اچي بهار، اُن جو ٻيي ستڪار ڪنداسين.

(۴) ماڻهو جاڳيا جپ تپ پوڄا، چالو ٿيو سارو وهنوار،
حسن سڃائي تو سينگار، اُن جو ٻيي ستڪار ڪنداسين.

(۵) شام اچي هر محفل جاڳي، گيت غزل جي ٿئي گونجار،
رات رهي پايل جهنڪار، اُن جو ٻيي ستڪار ڪنداسين.

(٦) آسمان ۾ چنڊ چمڪي تو، تارا ٽمڪن ڪري قطار،
راهہ ٿئي روشن چوڏار، اُن جي ٻيي ستڪار ڪنداسين.

(۷) هر زندگي ڪري آرام، سالڪ کي مالڪ جي تنوار،
هر بندگي آهہ پڪار، اُن جو ٻيي ستڪار ڪنداسين.

(۸) ڪال جي در تي پيڙ اَپارُ، ديال جي در تي ست ڪرتار،
رفيق جي دل ۾ ستگروءَ جي سار، اُن جو ٻيي ستڪار ڪنداسين.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) جهل پنهنجي اکين کي، خرابي نہ ڏي وڃي،
ڏسي جام اکين ۾ شرابي نہ ڏي وڃي.

(۲) هڪ حسن غضب جو، ٻي سجاوٽ غضب جي،
اڄ ڪائي نشي ۾ بي حجابي نہ ڏي وڃي.

(۳) ڇا حسن بڻايو خدا عشق ۾ اڇي،
اڄ خدا جي حسن جي بي نقابي نہ ڏي وڃي.

(۴) سرڪار حسن جو تلوار حسن جي،
شهيد ٿيڻ شتابي نہ ڏي وڃي.

(۵) جي عشق ڪنهن ڪيو تہ رفيق پڻ ڪيو،
اڄ عشق ۾ اڇي ربابي نہ ڏي وڃي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) پر ڦهلائي پکي اُڏاڻو،
ڪاري ڏرتي ڪارو ناڻو.

(۲) دل جو گلشن هاءِ جلي ويو،
منهنجي ملڪيت ملڪ اباڻو.

(۳) ڪاهي آيا ڪارا پاڇا،
ڪارن پاڇن جو نہ ٺڪاڻو.

(۴) دل ڪاري آ من ڪارو آ،
ڪارو هرهڪ ان جو داڻو.

(۵) ويري ٻڌجي واٽ واجهائي،
رفيق غلاميءَ جو ديوانو.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) تنهنجو حسين چهرو، ڄڻ گُلُ گُلاب آهي،
پڙدو هٽائي گل ڪيو، اڄ بي نقاب آهي.

(۲) ڇو حسن تي هيءَ ساري، دُنيا چري بڻي آ،
اي دل ٻڌاءِ حسن ڄڻ ڪوئي شراب آهي.

(۳) ڪهڙي عجيب صورت، آهي خدا بڻائي،
اکڙين ۾ حياءُ، ڳل تي گل جو شباب آهي.

(۴) گلشن رهي نہ گلشن، جيسين نہ آئي شبنم،
شبنم ءُ گلستان جو، ڪوئي حساب آهي.

(۵) رفيق راز دل جو، ڪوئي نہ سگهي ڄاڻي،
دل ۾ پيار، لب تي پهرو حجاب آهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) هٿ وجهي تنهنجي وارن ۾،
آءُ ڏسان تنهنجي ڪارن ۾.

(۲) تنهنجا ڪارا تنهنجون اکڙيون،
جل ڇنڪي جيئن ڦوهارن ۾.

(۳) دل جو پکيئڙو روز گهمي ٿو،
تنهنجو حسن گلزارن ۾.

(۴) رات کي پنهنجي جوت نہ آهي،
رات جي جوت ستارن ۾.

(۵) رفيق گل جي خوشبو مهڪي،
گلشن جي بهارن ۾.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) چنڊ ڏسي شرمائي ويئس،
پنهنجو پاڻ لڄائي ويئس.

(۲) مون سمجهيو مان سهڻو آهيان،
پنهنجو خيال ڀلائي ويئس.

(۳) چنڊ جي هستي چنڊ جيءَ مستي،
ڏسندي هوش وڃائي ويئس

(۴) يار سپيئي ويئس ڀلائي،
چنڊ کي يار بڻائي ويئس.

(۵) ڏسي يار جو حسن جواني،
عشق جو در کڙڪائي ويئس.

(٦) يار جي هستي يار جي مستي،
رفيق غزل مان ڳائي ويئس.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) ڇا گلشن آ گهنگهرن جو جيون،
يا اُلجهن گهنگهرن جو جيون.

(۲) کير نہ ڄاڻي ڇا گلشن آ،
کير نہ ڄاڻي اُلجهن جو جيون.

(۳) هي گلشن آ يا اُلجهن آ،
يا ڪوئي صدمن جو جيون.

(۴) اکڙيون پيئون ڏين اشارا،
هي جيون آهہ جيون جو جيون.

(۵) موت نہ ماري ڪنهن جيون کي،
رفيق بڻيو گهنگهرن جو جيون.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) كاجل جون پريل اکڙيون، هڪ رات بڻي ايندي،
چهري تي چمڪ پائي، پرڀات بڻي ايندي.

(۲) زلفن کي سجايو تو، ڪاري گهٽا ٿي سڏجي،
بجليءَ جي چمڪ پائي برسات بڻي ايندي.

(۳) بادل جي چادر پائي، اڄ چنڊ گهران نڪتو،
جذبن جي وهڪ پائي، جذبات بڻي ايندي.

(۴) چو ڪنهن جون نگاهون، ڪنهن ديد لئہ سڪن ٿيون،
هر دل جي مهڪ پائي سوغات بڻي ايندي.

(۵) رفيق چو رهي ٿي، دل عشق جي پياسي،
آنچل ۾ عشق پائي خيرات بڻي ايندي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) حسن عشق ڦهلائي ويندس،
سارو جڳُ چمڪائي ويندس.

(۲) قدم قدم تي گلشن گلشن،
دُنيا کي مهڪائي ويندس.

(۳) عشق مزاجي عشق حقيقي،
عشق جو ويسُ بدلائي ويندس.

(۴) چنڊ چانڊني چمڪن اُڀ ۾،
ساگر کي ڇلڪائي ويندس.

(۵) گيت غزل جا عاشق ڪيئي،
رفيق جڳ ترقائي ويندس.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) تنهنجي شرارت آءُ نہ سمجھان،
تنهنجي ڳجھارت آءُ نہ سمجھان.

(۲) اکيون ملائي تون مرڪين ٿين،
تنهنجي اشارت آءُ نہ سمجھان.

(۳) آءُ نہ ڄاڻان پنهنجي ڀاشا،
تنهنجي عبارت آءُ نہ سمجھان.

(۴) دل آهي جا حڪم هلائي،
تنهنجي صدارت آءُ نہ سمجھان.

(۵) رفيق رهي ٿو گيت غزل ۾،
تنهنجي عمارت آءُ نہ سمجھان.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) آءُ محلن مان ڇا ڄاڻان،
آءُ بنگلن مان ڇا ڄاڻان.

(۲) مونکي مبارڪ منهنجي جھوپڙي،
آءُ ماڙين مان ڇا ڄاڻان.

(۳) منهنجي بستي آهي ڌرتي،
آءُ عرشن مان ڇا ڄاڻان.

(۴) آءُ تپسوي ايڪانت شانت جو،
آءُ جلسن مان ڇا ڄاڻان.

رفيق بي کوديءَ جي آھ شاعري،
آءُ علن مان ڇا ڄاڻان.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) زالون سهڻيون، مڙد موچارا،
گل گلابي پنڌرا ڪارا.

(۲) مڙدن ناهي سينڌ ۾ سُرمو،
زالن اک ۾ ڪاجل ڏارا.

(۳) عشق سِين ڪي آهه ستايو،
زالون مرڪن مڙد لچارا.

(۴) زالون پلنگ تان پير نه لاهن،
مڙد ڦرن ٻڏجي وڃارا.

(۵) حسن سمهي ٿو چادر پائي،
رفيق ڏئي ٿو عشق لامارا.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) موني اچ منهنجي ممتاز، توکي شاهه جهان پڪاري،
موني اچ منهنجي ممتاز، توکي هر زمان پڪاري.

(۲) تنهنجي محبت منهنجي قسمت، تنهنجي جدائي آهه قيامت،
موني اچ منهنجي ممتاز، توکي دل جو ارمان پڪاري.

(۳) تون آهين جنت جي ڪايا، تون آهين محبت جي ڇايا،
موني اچ منهنجي ممتاز، توکي منهنجي دل جوان پڪاري.

(۴) تنهنجي سونهن سان جڳ سونهارو، تنهنجو حسن آهي هاڪارو،
موني اچ منهنجي ممتاز، توکي تنهنجو مستان پڪاري.

(۵) ياد توکي سنسار ڪري ٿو، ياد توکي دلدار ڪري ٿو،
موني اچ منهنجي ممتاز، توکي رفيق غزل خوان پڪاري.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) اسپتال ۾ ٿيو داخل، ڪنهن جو عزيز آهي،
ڏسي حسن نرس جو، ٿيو عاشق مريض آهي.

(۲) هي حسن شاهه آهي، حاڪم اچي جهڪن ٿا،
هرڪو غلام بڻجي، توڙي رئيس آهي.

(۳) چهرو جلالي ڪنهنجو، بخشيش آهه خدا جي،
بيگم ڪان وڌ محل ۾، سُهڻي ڪنيز آهي.

(۴) صورت ڏسي شهاڻي، واهه واهه ويئي نڪري،
حسينا ڇيو غصي ۾ ڪو بدتميز آهي.

(۵) معشوق نہ رهي ڪوئي، عاشق نہ بڻي ڪوئي،
رفيق رشتو عشق جو، نازڪ نفيس آهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) سڀ ڪي پنهنجو گهر آهي،
گهر ڪي پنهنجو در آهي.

(۲) ناري آهي سڀ ڪي پياري،
ناريءَ ڪي پنهنجو نر آهي.

(۳) ماڻهو نہ ڇا حيوان ڇڙن ٿا،
سڀ ڪي پنهنجو ڦر آهي.

(۴) سُهڻي سُهڻي ڪين ڪي جيسين،
سُهڻيءَ ڪي پنهنجو ور آهي.

(۵) سياڻو سڏائي ڪين ڪي سمجهي،
رفيق شايد ڪو خر آهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) هي ڪوئي انوراڳ نہ آهي،
هي ڪوئي ويراڳ نہ آهي.

(۲) ڏسي وائسي ڪنڊن ڪي چنبڙي،
هيءُ ڪوئي سهاڳ نہ آهي.

(۳) چڏي گهوٽ ڪي گهٽو ڏئي جو،
هيءُ ڪوئي ڏهاڳُ نہ آهي.

(۴) گهر ۾ عئش، ٻاهر ٻئراڳي،
هيءَ ڪوئي تياڳ نہ آهي.

(۵) رفيق زندگي آهہ افسانو،
هيءُ ڪوئي مهاڳ نہ آهي.

ϐ ..... ϐ ..... ϐ

غزل

(۱) ڀڳوان رهي ٿو ڳوٺن ۾،
شيطان رهي ٿو شهرن ۾.

(۲) سادا سودا معصوم چهرا،
ڪن گذران ٿا ڇپرن ۾.

(۳) جوئر ٻاجهريءَ جي ماني،
رهن ٿا راضي ٻصرن ۾.

(۴) راهہ عشق جي ڪوئي نہ ڄاڻي،
هرڪو اٽڪي اڪرن ۾.

(۵) رفيق نہ سمجهي سهي ڪي ڪوئي،
عمر وڃائن جهڳڙن ۾.

ϐ ..... ϐ ..... ϐ

غزل

(۱) سَدا ياد آهن نظارن جون ڳالهيون،
سَدا ياد آهن ستارن جون ڳالهيون.

(۲) سکر ساڌ ٻيلو، سنڌوءَ جو ڪنارو،
سَدا ياد آهن ڪنارن جون ڳالهيون.

(۳) ڪراچي ڪلفٽن صدر ۾ منوڙو،
سَدا ياد آهن پيارن جون ڳالهيون.

(۴) بهار هئايو ٽي مڪڙيءَ جو گهونگهٽ،
سَدا ياد آهن بهارن جون ڳالهيون.

(۵) ٺاڏل ۾ ٻلجي رفيق ڀنگ پيتي،
سَدا ياد آهن خمارن جون ڳالهيون.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) محبت ۾ ٿي خطا ته خطا ڪهڙي آ،
محبت ۾ ملي سزا ته سزا ڪهڙي آ.

(۲) محبت ۾ سُهٽي پيئي ڪاهي درياھ ۾،
محبت ۾ ٿئي جفا ته جفا ڪهڙي آ.

(۳) محبوب منهنجو مونکان وڇڙي نه شل وڃي،
محبت نه ٻُڏي سَدا ته سَدا ڪهڙي آ.

(۴) محبوب محبت جي واعدي کي وساريو،
محبت ۾ ٿئي دغا ته وفا ڪهڙي آ.

(۵) محبت رفيق آهي هر درد جي دوا،
محبت نه ڪري شفا ته دوا ڪهڙي آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) ڪوئي ڳُمُ خيالن ۾،
ڪوئي ڳُمُ پيالن ۾.

(۲) رات نہ گذري بات نہ گذري،
ڪوئي ڳُمُ حوالن ۾.

(۳) سوال نہ سمجھي، جواب نہ ڄاڻي،
ڪوئي ڳم سوالن ۾.

(۴) ڪوئي ٻڌجي پاڪ نمازي،
ڪوئي ڳم شوالن ۾.

(۵) رفيق ڪري خوشامند هرڪو،
ڪوئي ڳُم دشالن ۾.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ننڊ نيڻن ۾ ناهي ڙي يار،
سڪ سيڻن ۾ ناهي ڙي يار.

(۲) ڪڏہن اوڄاڳا منهنجون اکڙيون،
اڪ راهُنِ ۾ آهي ڙي يار.

(۳) پاڻ سنڀالي ڪين سگهيس مان،
دل سورن ۾ آهي ڙي يار.

(۴) ڪري ڏاڍائي هوت هليو ويو،
حُبُ هوتن ۾ ناهي ڙي يار.

(۵) ڪيئي پير فقير پڇايم،
ڏينهن ڏکن ۾ آهي ڙي يار.

(٦) قسمت کهڙو ڏوھ، دشمني،
مت ڪوتن ۾ آهي ڙي يار.

(۷) رفيق محبت رهي نہ هاڻي،
هڪ جيڏن ۾ آهي ڙي يار.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) بغاوت ڪرڻ جو سمو ئي ڪٿي آ،
عداوت ڪرڻ جو سمو ئي ڪٿي آ.

(۲) ٻڪن ۽ ڏکن ۾ لکين لوڪ گهارن،
سخاوت ڪرڻ جو سمو ئي ڪٿي آ.

(۳) سچائي ڪٿي ۽ نہ صفائي رهي آ،
شڪايت ڪرڻ جو سمو ئي ڪٿي آ.

(۴) اچن ٿا لٽيرا گهر گهر ۾ پيهي،
حفاظت ڪرڻ جو سمو ئي ڪٿي آ.

(۵) هر روز مندر ۾ گهنڊ وڄن ٿا،
زيارت ڪرڻ جو سمو ئي ڪٿي آ.

(٦) رفيق شانت چت سان سماڌي لڳائي،
عبادت ڪرڻ جو سمو ئي ڪٿي آ.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) نہ رام جي خبر نہ شام جي خبر،
هرڪنهن کي پنهنجي پنهنجي نام جي خبر.

(۲) ڪنبي ٿہ ڪوئي پل ڪنبي برسات سيءَ ۾،
هرڪنهن کي پنهنجي عيش ۽ آرام جي خبر.

(۳) ڪو حسن تي حيران، ڪو عشق ۾ مري،
هرڪنهن کي پنهنجي جام ۽ گلفام جي خبر.

(۴) رکي نہ ڪوئي چاڻ پنهنجي ديس، قوم جي،
هرڪنهن کي پنهنجي عهدي ۽ دام جي خبر.

(۵) رفيق خدا کهڙو هيءَ جنهن جي خدائي،
جواني جيل ۾ گذري نہ الزام جي خبر.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) شاعر پيارو سيپ جو جنهن کي خدا ڪري،
شاعر دلارو سيپ جو، جنهن کي خدا ڪري.

(۲) هر ڪنهن کي زندگيءَ ۾ کپي ٿو سهڻو ساٿي،
شاعر سهارو سيپ جو، جنهن کي خدا ڪري.

(۳) روشن مُنار آهي، جهازن جي سلامتي،
شاعر مُنارو سيپ جو، جنهن کي خدا ڪري.

(۴) ڪشتيءَ جي رهي آهي ڪناري سان دل لڳي،
شاعر ڪنارو سيپ جو، جنهن کي خدا ڪري.

(۵) رفيق چمڪي سَيپَ جي قسمت جو ستارو،
شاعر ستارو سيپ جو، جنهن کي خدا ڪري.

ٿ ..... ٿ ..... ٿ

غزل

(۱) رهي نہ ڪا عدالت آ،
رهي نہ ڪا وڪالت آ.

(۲) حق ۾ سچ پيو لوڙي،
رهي نہ ڪا حفاضت آ.

(۳) ڏين دوکو پنهنجا ئي،
رهي نہ ڪا شناخت آ.

(۴) شريف ٿو سدا چڙڪي،
رهي نہ ڪا شرافت آ.

(۵) سمهي پيا سيپ ڪابد،
رهي نہ ڪا عبادت آ.

(٦) ڏوهي وڃي ٿو ڇڏجي،
رهي نہ ڪا سداقت آ.

(۷) رفيق حادثا حج تي،
رهي نہ ڪا زيارت آ.

ٿ ..... ٿ ..... ٿ

غزل

(۱) آيو نئون زمانو آ،
درد پريو افسانو آ.

(۲) ديش دروهي موُج مزي ۾،
ديش ڀڳت بيگانو آ.

(۳) هرڪو ويٺو هوش وڃائي،
محفل ۾ مئخانو آ.

(۴) حسن جواني ناچ نچن ٿا،
نظرن جو نذرانو آ.

(۵) رفيق ڪوئي گيت غزل جو،
ڪو شاعر ديوانو آ.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) روشن آ رات رات جو بدنام گلي گلي،
سڀ ڪي سڏي رهي آ اچ تون هلي هلي.

(۲) سجدو ڪري اچي ٿي نازنين حسينا،
مرڪي جهڪي چوي ٿي، آيا ڀلي ڀلي.

(۳) آدم ستل رهي ٿو، ساري جهان جو،
سينگار ڪري نچي ٿي، محفل ۾ مَنچلي.

(۴) هرڪو گهري رهيو آ، پيالو پيار جو.
ڀهرين پيار مونکي، او گلاب جي ڪلي.

(۵) پايل سان گڏ نچن ٿا، جام سُراهي،
بيدار رفيق رات ڀر گلفام جي گلي.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) روزن جو زمانو آ، رَهڻ پيار ڪان پري،
دلدار هجي پر ﷺ، سمجهہ يار آ پري.

(۲) نہ منهنجي خطا آهي نہ دلدار جي خطا،
رک منهنجا خدا مونکي تڪرار ڪان پري.

(۳) جيڪي هجيئي ڇوٽو، ڇئہ يار ڪي سڏي،
رهٽو پوي ٿو هاڻي اقرار ڪان پري.

(۴) هي وقت ويندو گذري، گهر ڏار ٿا رهون،
سگهندو رهي نہ پئنرو، گلزار ڪان پري.

(۵) جي عشق ڪري ڪوئي تہ ڪري عشق الاهي،
رفيق رهہ مگر سنسار ڪان پري.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) ڪم ڪتي جو آهي، ڀونڪڻ،
ڀونڪي ڀونڪي آهي سهڪڻ.

(۲) ڪنهن ڪي ڏسي جي مانيءَ ٽڪڙو،
ڪم ڪتي جو آهي پڇ لوڏڻ.

(۳) هٿ ﷺ ڏسي جي ڪنهن ڪي ڏنڊو،
ڪم ڪتي جو آهي ڊوڙڻ.

(۴) چورُ ڏسي يا چور جو پاڇو،
ڪم ڪتي جو ڀونڪڻ جاڳڻ.

(۵) گولي ماري يا گوري ڏئي ڪو،
رفيق ڪتي جو آهي ڦتڪڻ.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) حيران ڪري غزل جي انداز-بياني،
زنده رهي جڻ عشق جي جذبات رواني.

(۲) جهومڻ لڳي هوا يي اڄ عشق ۾ اڇي،
جهومي ٿي شاعريءَ سان هر دل جي جواني.

(۳) هر لفظ لفظ ناچ نچي قدم قدم سان،
هيءَ آهي غزل خورن جي مئنوش زباني.

(۴) هر شام-غزل محفل رنگين رهي ٿي،
زنده ته زنده، جاڳي مڙدن ۾ جواني.

(۵) رفيق غزل ۾ ٿو رهي عشق الاهي،
هي عشق آه جنهن جي هر دل آ ديواني.

o ..... o ..... o

غزل

(۱) تون بادشاهه، تون بادشاهه، تون بادشاهه،
تون شهنشاهه، تون شهنشاهه، تون شهنشاهه.

(۲) تنهنجي حڪم سان سارو جهان ٿو هلي،
تون بادشاهه، تون بادشاهه، تون بادشاهه.

(۳) توکان نه وڏو ڪوئي، عضمت جو ڏٺي تون،
تون شهنشاهه، تون شهنشاهه، تون شهنشاهه.

(۴) سنسار سارو تنهنجي قدمن ۾ جهڪي ٿو،
تون شهنشاهه، تون شهنشاهه، تون شهنشاهه.

(۵) دنيا ۾ اچين ٿو، مرشد جي ويس ۾،
تون بادشاهه، تون بادشاهه، تون بادشاهه.

(٦) رفيق سدا تنهنجي رحمت جو دعاگوُ،
تون شهنشاهه، تون شهنشاهه، تون شهنشاهه.

o ..... o ..... o

غزل

(۱) لوڪل گاڏي ممبئيءَ جي راڻي ڏسو ڏسو،
لوڪل گاڏي آهه شهاڻي، ڏسو ڏسو.

(۲) لوڪل گاڏي تيز هلي ٿي بجليءَ تي،
چال سندس آهي مستاني، ڏسو ڏسو.

(۳) روپُ رَنگُ، ڇا ته گلشن گلزاري آ،
حسن ڪري دل ديواني، ڏسو ڏسو.

(۴) نئين دلهن جيان هلي البيلي نخري سان،
مٿي تي بنديا آهي نوراني، ڏسو ڏسو.

(۵) رات رات جو نئون نظارو ڏسجي ٿو،
جهر مر جهر ڇا حيراني، ڏسو ڏسو.

(٦) آهي ڏرتيءَ جو يا آهه هوائي سفر،
آهه روزانو نئين ڪهاڻي، ڏسو ڏسو.

(۷) رفيق گذاري ساري حياتي گاڏيءَ ۾،
آهه سلامت سندس جواني، ڏسو ڏسو.

o ..... o ..... o

غزل

(۱) بري آهه عادت، ڪنهن ڏي نهارڻ،
نهاري نهاري وري اک جو مارڻ.

(۲) خوابن ۾ جنهن لئه ٿو سيٽيون وڄايان،
غضب آن ھُن جو مونکي وسارڻ.

(۳) الاجي ڇو ڪن جي عجب ريت آهي،
پئڻ کان اڳ چاهن ذري ٿوري هارڻ.

(۴) جنهن جي جدائيءَ ۾ ٿو واري وسايان،
سکيا ڪين آهن تتل دل کي ٺارڻ.

(۵) سهڻن لاءِ هر روز گل ٿو وڇايان،
سندن شان آهي گلن معتر کي لتاڙڻ.

(٦) رفيق جن جي صحبت ڪري ٿي،
سندس ٿيندي رحمت گذجي گذارڻ.

o ..... o ..... o

غزل

(١) جيئي سدائين جيئي هي هندستان منهنجو،
قدرت بڻايو مون لئه هي گلستان منهنجو.

(٢) سر تي رهي هماليه آهه تاج بي مثل،
چرنن ۾ رهي ساگر، بڻيو نگهبان منهنجو.

(٣) هتڙي ڪبير، نانڪ، گوتم ۽ رام ڪرشن،
هر شان ڪان مٿي آهي آشيانو منهنجو.

(٤) جت سون، موتي، هر چيز جو ڀنڊارو،
سؤ بار سرڳ ڪان سندر آهي مڪان منهنجو.

(٥) هر ندي آهي درياهه، هر درياهه آهه ساگر،
هيءُ جل آهه جيون، جيون لئه دان منهنجو.

(٦) ناريءَ جو نالو ماتا، ماتا رهي ٿي جنني،
ناريءَ جي عزت آبرو، سوَمان شان منهنجو.

(٧) هن ديس جي ورهاڱي وڪٽي ڇڏي صداقت،
ساڳيو رهيو نه ساڳيو سو آشيانو منهنجو.

(٨) ڪنهن جي خطا غضب، ڪنهن لئه سزا غضب جي،
ثابت رهيو نه آهي، ڪوئي نشان منهنجو.

(٩) جو ڏار ٿيو وطن ڪان، دل ڪان پيي ڏار ٿي ويو،
ڇاڪاڻ وري ملڻ جو آهي گمان منهنجو.

(١٠) رهبر رهيا نه رهبر، بڻجي پيا ستمگر،
ڪهڙي خبر جدائي ڪهڙو جهان منهنجو.

(١١) ديسي بڻيو نه ڪوئي، هرڪو بڻيو وديشي،
مونکي وڻي نه هرگز، مونکي بيان منهنجو.

(١٢) ماحول ويو بدلجي، خيال ويو بدلجي،
ڌپ آهي نه گهر بدلجي، نه ٿئي قبرستان منهنجو.

(١٣) ڪهڙيون بڻيون فضائون ڪهڙيون لڳيون هوائون،
مونکي چريو ڪري ٿو، مونکي وڏان منهنجو.

(١٤) آهي خبر خدا کي اڳتي ڇا حال ٿيندو،
رفيق ٿيندو ٿيندو روشن زمان منهنجو.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) تو تاجمحل سڏجي ممتاز جي ڪري،
هو حسن هيو حسن ناز يا نياز جي ڪري.

(۲) ڇا حسن هئو حسن، جيئن خواب هو مگر،
هوُ حسن هو جادو ئي، انداز جي ڪري.

(۳) مون پيي لڌو هو خواب ڪنهن حسن جو مگر،
هي حسن هيو حسن جي پرواز جي ڪري.

(۴) جنهن جي نہ ڪري پيٽ سگهون تاج تا ڇئون،
هي تاج بڻيو نظر جي انداز جي ڪري.

(۵) جو پيار ڪيو شاهہ جهان ڇا بي مثال هئو،
رفيق بڻيو تاجمحل ڪنهن راز جي ڪري.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) مان پنهنجي شُڀ جنم تي بهارن کي وني آيس،
گلشن جي خوبصورت نظارن کي وني آيس.

(۲) هر گل کي پنهنجي هستي، هر گل کي پنهنجي مستي،
ڪوئل ۽ بلبل جي قطارن کي وني آيس.

(۳) هرڪو خوشيءَ سان ڏئي جنم جي مبارڪ،
آسمان مان چانڊ، ستارن کي وني آيس.

(۴) گل گلابي گلزار، گل گلابي چهرا،
دل سان ڏين دعائون، پيارن کي وني آيس.

(۵) هر سال مبارڪ، سوَ سال جي برابر،
رفيق عجيب اکڙين جي اشارن کي وني آيس.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) مجنوءَ جو لئلا سان پيار،
هير رانجهن ٻهر۔ ڪنار.

(۲) ٿوري موهيو جام تماچي،
ٿوري نئڙت جو گلزار.

(۳) ليلان چنيسرُ ڪوهي ويئي،
ڪونئروءَ چيڙيو هيرن جو هار.

(۴) سسئي سڙي سورن ۾ ويئي،
جهاڳيو پنهوءَ لاءِ جهنگ پهاڙ.

(۵) ڪچي دلي ڪي ٿُرهو سمجهي،
سُهڻي ويئي ملڻ ميهار.

(٦) حسن جي هاڪ تي راڻو ريڏو،
راڻو مومل جو سينگار.

(۷) پيار جي عاشق پيارُ نہ ڄاتو،
ڪيو جدا مومل جو يار.

(۸) رفيق جي جيون جي ريکا،
گيتن غزلن جو سنسار.

ﻩ ..... ﻩ ..... ﻩ

غزل

(١) گلشن کي ڏسو ته گلاب کي ڏسو،
محلن کي ڏسو ته شباب کي ڏسو.

(٢) نئين نئين دلهن شرمائي پيئي،
دلهن کي ڏسو ته حجاب کي ڏسو.

(٣) اکڙين ۾ ڇا ته جام ڇلڪي ٿو،
اکڙين کي ڏسو ته شراب کي ڏسو.

(٤) ڪاري گهٽا ڇپائي چنڊ ڇهري کي،
زلفن کي ڏسو ته مهتاب کي ڏسو.

(٥) رفيق جو غزل آهه ساگر جي مستي،
غزلن کي ڏسو ته خطاب کي ڏسو.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) حسن جي ڪمري ۾ گلدستي جي ضرورت آ،
عشق جي ڪمري ۾ گلدستي جي ضرورت آ.

(٢) خوشبو خوشبو ٿهلجي وڃي ڪمري ۾،
دلهن جي ڪمري ۾ گلدستي جي ضرورت آ.

(٣) سجڻيءَ جي دل پيار ۾ پرجي وڃي،
ساجن جي ڪمري ۾ گلدستي جي ضرورت آ.

(٤) رنگين گلن سان رنگين مزاج جي خاطر،
سهڻن جي ڪمري ۾ گلدستي جي ضرورت آ.

(٥) رفيق مرض کي پڄائي جلد شفا،
مريض جي ڪمري ۾ گلدستي جي ضرورت آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) آئي آهه جيون جي شام،
پاڇو بڻجي لهري رام.

(٢) ڪين ڏسي هستي مستاني،
ڪين رهيا پر ۾ گلفام.

(٣) جام پيئڻ لاءِ چپ ترسن ٿا،
سگهن جهلي نہ هٿڙا جام.

(٤) حالُ ڏسي بيحال بڻن ٿا،
نيڻ بڻيا آنسن جا ڏام.

(٥) پير مسافر پيي ٿڪجي پيا،
پلجي وياسين پنهنجا گام.

(٦) پران پکيئڙي پر پکيڙيا،
رات جي ٽاڻي ڪندو اُڏام.

(٧) ساٿي سپيئي هاڻ سمهي پيا،
رفيق ڪري پورا انجام.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) انسان خطا جو گهر آهي،
خدا ديا جو گهر آهي.

(٢) انسان مشهور بيوفائيءَ ڪان،
خدا وَفا جو گهر آهي.

(٣) انسان رهي ٿو روڳن ۾،
خدا شفا جو گهر آهي.

(٤) حسن حسن ٿي هرڪي ٿو،
خدا لقا جو گهر آهي.

(٥) ڇا توکي خبر نہ آهي رفيق،
انسان خدا جو گهر آهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) رفيق جهڙو ڪتاب ڪٿي آ،
رفيق جهڙو شباب ڪٿي آ.

(٢) قسمين قسمين گل ڏٺا مون،
رفيق جهڙو گلاب ڪٿي آ.

(٣) ڇا مئنوشي ڇا مدهوشي،
رفيق جهڙو شراب ڪٿي آ.

(٤) حاسد ڪي وينو هيسائي،
رفيق جهڙو جواب ڪٿي آ.

(٥) ڏيئي ڪپڙا ڍڪي اُگهاڙا،
رفيق جهڙو ثواب ڪٿي آ.

(٦) ڪو دلگير ڪو آهه دکايل،
رفيق جهڙو خطاب ڪٿي آ.

(٧) رفيق اَدَبَ سان خانَ جُهڪَنَ ٿا،
رفيق جهڙو نواب ڪٿي آ.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(١) مونکي زمانو پلجي نہ وڃي،
منهنجو ترانو پلجي نہ وڃي.

(٢) منهنجي زندگي منهنجو افسانو،
منهنجو افسانو پلجي نہ وڃي.

(٣) منهنجي شاعري منهنجو خزانو،
منهنجو خزانو پلجي نہ وڃي.

(٤) منهنجي دوستي منهنجو نذرانو،
منهنجو نذرانو پلجي نہ وڃي.

(٥) منهنجي محفل منهنجو آشيانو،
منهنجو آشيانو پلجي نہ وڃي.

(٦) دنيا چوي مونکي ديوانو،
رفيق ديوانو پلجي نہ جي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) عرش تان لهي ڌرتيءَ تي پرواز ڪٽي آيس،
خدا جي بندگيءَ جو هڪ ساز ڪٽي آيس.

(۲) تارن سان نم نمايل، هئي رات چا سجايل،
هر دل ۾ ڪلام-عشق جو آواز ڪٽي آيس.

(۳) دنيا ۾ بڪيڙو آ، دنيا ۾ انڌيرو آ،
پريات جي پهر جو آغاز ڪٽي آيس.

(۴) ديدار تئي دل ۾ انسان کي خدا جو،
اکڙين ۾ خمار جو انداز ڪٽي آيس.

(۵) رفيق نياز نئڙت آهه بندگي خدا جي،
تڪبر ئي تباهي آ، مان نياز ڪٽي آيس.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) شاعر امر رهي تو،
شاعر امر رهي تو.

(۲) سپ ڪان حسين جڳ ۾،
شاعر امر رهي تو.

(۳) برسات تو وسائي،
شاعر قمر رهي تو.

(۴) هر صبوح جو اُجالو،
شاعر سحر رهي تو.

(۵) رفيق دل جي ڪشتي،
شاعر بحر رهي تو.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) منهنجي ذات نرالي آهي،
منهنجي ڏات نرالي آهي.

(۲) آءُ نہ ڄاڻان ڪنهن چند ڦند کي،
منهنجي لات نرالي آهي.

(۳) شاعر بڻجي آيس جڳ ۾،
منهنجي بات نرالي آهي.

(۴) هر خيال جا گهوڙا ڊوڙن،
هر اڄ رات نرالي آهي.

(۵) چنڊ چمڪي ۽ تارا ٽمڪن،
ڪاري رات نرالي آهي.

(٦) ساگر جي سيني ۾ هلچل،
ڪا جذبات نرالي آهي.

(۷) نيڻ نمن ۽ نيڻ ٽمن،
ڇا برسات نرالي آهي.

(۸) حيرت حيرت مکڙا مرڪن،
معري وات نرالي آهي.

(۹) ڪير نہ ڄاڻي هرڪو ڄاڻي،
هر نغمات نرالي آهي.

(۱۰) رفيق جنم لڌو مون جڏهين،
سا پرڀات نرالي آهي.

ہ ..... ہ ..... ہ

غزل

(۱) اچا ياد آهن جوانيءَ جون راتيون.
اچا ياد آهن جوانيءَ جون باتيون

(۲) هئي چنڊ چمڪيو حسن هيٺ ٻهڪيو،
اچا ياد آهن جوانيءَ جون راتيون

(۳) ڏسي حسن تنهنجو پکين ٻول ٻوليا،
اچا ياد آهن جوانيءَ جون ڳاتيون

(۴) مون مشڪيو تو مرڪيو ڏسي جام ڇلڪيو،
اچا ياد آهن جوانيءَ جون باتيون

(۵) رفيق چمڪي بجلي ڳجگا ٽيٽ ڪانو،
اچا ياد آهن جوانيءَ جون راتيون

ه ... ... ه ..... ه

غزل

(۱) هي منهنجا افسانا آهن،
هي منهنجا نظرانا آهن

(۲) دل جلي ٿي عشق وهن ۾،
هي منهنجا پروانا آهن.

(۳) دل جا راز جهين ٿيا دل ۾
هي منهنجا [illegible] آهن

(۴) ٻيت غزل جا عاشق ڪيئي.
هي منهنجا ديوانا آهن.

(۵) جام صراحي سهڻو ساقي.
هي منهنجا مئخانا آهن

(۶) رفيق شاعري منهنجو گلشن،
گل ڦل سڀ سلطانا آهن.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) مريد بندگي آ، مرشد مشاهدو آ،
اصل ڪان اهڙو، خدا جو وائدو آ.

(۲) دل ۾ رهي صفائي، دل ۾ رهي سچائي،
نقصان ڪين ڪنهن کي، هرڪنهن کي فائدو آ.

(۳) گُناهه ڪري ڪوئي، ڪنهن کي ملي سزا ٿي،
دنيا انڌيري نگري هي ڪهڙو قائدو آ.

(۴) محبوب آ اندر ۾، عاشق ٿو ڀٽڪي ٻاهر،
محبوب کي ملڻ جو، هي ڪهڙو راستو آ.

(۵) رفيق عشق دل ۾ آهي خدا جو سڀ ڪي،
ڪنهن کي حجاب آهي، ڪوئي حُجائتو آ.

ه ..... ه ..... ه

غزل

(۱) عرش فرش تي منهنجو راڄ،
سر تي رهي شاعر جو تاڄ.

(۲) حسن جواني گلشن گلشن،
پيار محبت منهنجو ڪاڄ.

(۳) نيڻ نشيلا گُل گلابي،
عاشق دل جو آهه علاج.

(۴) ساگر مون لئه سيڄ وڇائي،
قدرت ڪري منهنجو هر ڪاڄ.

(۵) رفيق ديواني سر کي جهڪايو،
جئن ديوانن جو آهه رواڄ.

ه ..... ه ..... ه

Start Here
Microsoft Windows NT Workstation

[illegible]

For distribution with a new PC only.
For product support, contact the manufacturer of your

غزل

(۱) آئي جواني برسات نہ آئي،
پيئا ملڻ جي رات نہ آئي.

(۲) عشق ڪيو ڪيڏو دل ۾،
مگر بڌڻ ۾ رات نہ آئي.

(۳) سڪيون سهليون عيد ملهاهن،
منهنجي چو اوقات نہ آئي.

(۴) دل جي ياد رهي ٿي دل ۾،
چاڪاڻ چپن تي بات نہ آئي.

(۵) رفيق اُٿي اڌ-رات پڇي ٿو،
چو خدا ايمان پرپات نہ آئي.

ه ..... ه ..... ه

قربدار شاعر

هڪ نماڻي-بردبار-بزرگ شاعر پياري ايم.رفيق سان منهنجي واقفيت اٽڪل ٽي سال اڳ ٿي. هڪ شاندار ادبي بئٺڪ ۾ هو صاحب پنهنجي رچنا (شعر) پڙهي رهيو هو. اُهو بڌندي لطف جو ڪجهہ احساس ٿيو. ساڻس ويجهائپ حاصلات جو چاهہ اُنپن ٿيو. قدرتن روبرو مڪا ميلي جو شرف مليو. هيءَ هڪ لڪل لعل سنڌونگر واسي-مشهوري کان دور رهندر پنهنجي مؤج وارو شعرو شاعري جي هر-فن جو ماهر-بيحد حليم سڀاءُ وارو هڪ سنڌيت جو شيدائي، سولي سنڌي عام جي ٻولي ۾ رچناتمڪ انوکي شاعري جي عالميت جو اڏڪاري هئڻ، ڪيس پسيو ۽ هڪ شرڌالو جي نظر سان مان سندس قريب آيس. سندس رچنائن جا ڪيترائي ڪتاب اڳ۾ ڇپايل شايع ٿيل آهن. هيءَ ڪتاب خاص 'زندگي هڪ افسانو' ڇپائڻ جو چاهہ ڏسي اُهو ڇپائڻ جي ڪم جي مون کي شيوا ڏيڻ جي مون کين آڇ ڪئي جيڪا هنن قرب سان وشواس رکي قبولي ڪم منهنجي سپرد ڪيو آهي. مون هيءُ ڪتاب پڙهيو آهي.

مون هيءَ ڪتاب سندس خرچ تي بنان ڪنهن سوارٿ جي شيوا ڀاؤ ۽ شرڌا جي ناتي سندر نموني ڇپائڻ جي سندر نموني شايع ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. صباداڪا ڪجهہ يڪائي نظر اچي تہ اُن لاءِ جوابدار مونکي سمجهي ڏيان ڇڪائيندا. جئين مان اڳتي خبردار رهان. اهڙي پاٺڪن کي نماڻي وينتي آهي.

شيوا ۾،
نارائڻ پرسرام ضيا،
'زندگي هڪ افسانو'



(١) گر ڪوئي لکي ٿو تہ مالهي لکي ٿو،
گر ڪوئي لکي ٿو تہ راهي لکي ٿو.

(٢) گر ڪوئي لکي ٿو تہ اُتم لکي ٿو،
گر ڪوئي لکي ٿو تہ ڪمل لکي ٿو.

(٣) ڪنهن شاد بڻجي پنهنجي خيالات وڃائي،
حاسد بڻي ڪنهن پنهنجي جذبات جلائي.

(٤) وفا مان ڪوئي ڪهڙي رکي اُميد وفا جي،
هرڪو وڃائي ويٺو آهي ديد ڪلا جي.

(٥) مايا کي چنتا هردم مايا جي رهي ٿي،
ڪلا کي خبر ڪا خير ڪلا جي رهي ٿي.

(٦) سندري تہ آهہ سندري جهڙي سندس ڪهاڻي،
ليڪن ڪٿي گهمي ٿي ڪاري چڻي پراڻي.

(٧) پوپٽيءَ اُڏائي پوپٽ، ساري عمر گذاري،
پوپٽ اجان بہ ايندا، دل ڪين اٿس هاري.

(٨) ڪرٽي اگر جي آهي ڪيرت جي ڪيرتي،
رفيق آهہ حاضر خدمت ۾ پارتي.

٥ ..... ٥ ..... ٥